گچيءَ گانالوهجا



(جيل جي ڊائري)

ڪامريڊ مانڊل شر

سھيڙيندڙ: انور ڏنگڑائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

به اکر

تمام گھٹي عرصي کان پوءِ شعور پبليڪيشن جو ادارو ٻيهر پنهنجو ڪم شروع ڪري رهيو آهي. هن اداري هارين، مزدورن ۽ پورهيت عوامر انقلاب جي امنگ پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي رهنمائي لاءِ 1987ع کان 1990ع تائين پرپور ڪردار ادا ڪيو. پر عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي بحران جنهن جو اثر پوري دنيا سميت پاڪستان تي ٻه پيو ، سبب ادارو پنهنجوڪم جاري رکي نه سگهيو. هيننر وري پنهنجون توانائيون گڏ ڪري پنهنجن ساٿين جي مدد سان ڪم جي ٻيهر شروعات ڪري رهيو آهي. هن ڪتاب کان پوءِ هڪ ٻيو ڪتاب جنهن مر آئنس ٽائين جهڙي فزڪس جي سائندان ۽ ڪجهه ٻين سماجي سائنسدانن جي مضمونن تي مشتمل ڪتاب " سوشلزم ڇو " ڇپائي هيٺ آهي. جيڪو اميد ته جلد توهان جي هٿن مر هوندو. ان کان سواءِ سنڌيءَ مر پورهيت شعور ۽ اردو مر پورهيت شعور ٻه مارچ جي پهرين هفتي مر توهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش آهي. جيڪي ماهوار ٿي نڪرندا. جيڪڏهن ساٿين جو سات سلامت رهيو ته ڪمزور ٿيل تحريڪ کي سگهارو بنائڻ لاءِ تحريرن جي محاذ تي ڪم نه صرف جاري رهندو بلڪ سگهارو ٿيندو.

شعور ست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهاڳ

اڄ جو دور تمام کنن ۽ نازڪ دور آهي. عوام ۽ پورهيت طبقي سان وفادار ٿي سرتريءَ تي رکي بيهڻ وارن انسانن جي تمام گهٽي کوٽ آهي. هرطرف لالچ خود غرضي جو راڄ آهي. پورهيت عوام ۽ وچولي طبقي جا هينئيان پرت تمام مشڪل حالتن ۾ گذاري رهيا آهن. ماڻهن کي درست وات ڏيکارڻ ۽ انهن جي جدوجهد ۾ ساٿ ڏيڻ انهن جي اڳواڻي ڪرڻ وارن جي تمام گهٽي کاٻت آهي. سنڌ جي جاگيردارانه معاشري جي سماجي جوڙجڪ ماڻهن جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي. ڪاروڪاري جي رسم سبب سنڌ جون هزارين ناريون هر سال پنهنجي زندگي جي خوبصورتي تان هٿ کٽي رهيون آهن ڏاڙيلن سنڌ جي پهراڙين کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي برڪتن سان انسان ذات سک ۽ آرام جي زندگي گذارڻ بجاءِ لکين برسرروزگار ماڻهو بيروزگار ٿي رهيا آهن. سوويت يونين جي ختم ٿيڻ ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي ٽٽڻ ڪان پوءِ عالمي سرمائيداري نظام پنهنجي خونخوار ۽ ڀيانڪ شڪل ۾ سامهون اچي چڪو آهي. جنهن سبب آءِ ايم ايف ۽ عالمي بينڪ اسان جهڙن ملڪن ۾ روزگار جا دروازا مڪمل طور بند ڪري ڇڏيا آهن. نوجوان لکن جي تعداد ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ بيروزگارن جي فوج ۾ شامل ٿي رهيا آهن ۽ ملڪ جي سرڪاري ادارن مان لکين ماڻهن کي بيروزگار ڪيو ويو آهي ۽ ايندڙ ڪجهه عرصي ۾ وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيروزگاري وڌڻ جا حالات جڏيءَ طرح نظر اچي رهيا آهن. ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته نئين ٽيڪنالاجي جي ايجاد کري کم کرڻ جا کلاک گهٽجي وڃن ها ۽ پيداوار وڌي وڃڻ کري انسانن جي ضرورتن کي پورو کيو وڃي ها. پر ٿي سڀ کجهہ ان جي ابتڙ رهيو آهي. اناج جا لکين ٽن هک طرف سمنڊ ۾ ڦٽا کيا وڃن ٿا ته ٻئي طرف کروڙين اربين انسان خوراک کان محروم بک ۽ ڏکر سبب بک وگهي مري رهيا آهن. هک طرف گوشت، مکڻ ۽ کير اضافي هئڻ کري ضايع کيو وڃي ٿو ته ٻئي طرف کروڙين انسان مناسب غذا نہ ملڻ کري عجيب ۽ غريب بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. صاف پاڻي نہ ملڻ کري کروڙين انسان انهن موذي مرضن ۾ مبتلا ٿي موت جي خوراک بڻجي رهيا آهن. اهي سڀ مسئلا پيدا وار جي ذريعن جي نامناسب ورڇ کري پيدا ٿيا آهن. کجهہ ماڻهن وٽ دولت گڏ ٿي چکي آهي ۽ انهن جي دولت ۾ اڃا بہ اضافو ٿي رهيو آهي. اکثريت عوام انهن سڀني انساني ضرورت جي شين کان محروم آهي جيکي شيون هو پاڻ پيدا کري رهيو آهي ان هوندي بہ تمام گهٽا دانشور، سياسي ورکر ۽ سمجهدار ماڻهون سماج جي تبديلي جي اجتماعي ضرورت نٿا سمجهن ۽ خود غرضي تحت انفرادي خوشحالي جي فلسفي تي عمل پيرا آهن. ان جو نتيجو هي ٿيو آهي ته خود غرضن ۽ انسان دشمن ٽولن جو رياستن تي قبضو قائم ٿي ويو آهي. عوام پنهنجي مسئلن سبب سماج کان مايوس ٿي خود کشي کرڻ جي سفر تي نکري پيو آهي. روايتي احتجاج مان کو بہ نتيجو نہ نکرڻ کري خود سوزي جهڙي احتجاج جي رستي کي اختيار کيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ ۾ مافيا جون توليون منظم ٿي چڪيون آهن. انهن مافيا جي قوتن کي حڪمران ۽ عالمي سرمائيداري قوتون سڌي يا اڻ سڌي طرح مدد ڪري رهيون آهن. نسلي، مذهبي، فرقه پرست، فاشسٽ قوتون نوجوانن جي فوجن کي لٽ مار، قتل، اغوا ۽ پٽا خوري جهڙن منظم ڏندن ۾ شامل ڪري رهيون آهن.

عالمي سرمائيدار ڪمپنيون ترقي يافته سرمائيدار ملڪن جي سماجن ۾ به هڪ شديد بحران کي جنم ڏني چڪيون آهن. انهن ملڪن ۾ اضافي پيداوار جي بحران پيداوار جي سڃي عمل کي متاثر ڪيو آهي ۽ اتي به لکين انسان بيروزگاري جو شڪار ٿيا آهن انهن مزدورن کي هي سرمائيدار ڪمپنيون باور ڪرائي رهيون آهن ته وڌيڪ پيداوار جو هي بحران عارضي آهي ۽ تمام ٿوري وقت ۾ هو ترقي پذير يا پوئتي پيل ملڪن ۾ وڪري لاءِ منڊيون حاصل ڪري ونڊيون ۽ انهن کي وري روزگار سان لڳايو ويندو. ان لاءِ عالمي سرمائيدار ڪمپنين پاڪستان جهڙن ملڪن جي معيشيت کي تباهه ڪرڻ لاءِ عالمي بينڪ ۽ عالمي مالياتي اداري جي معرفت پنهنجو ڪم جيڪو 91ع کان شروع ڪيو هو ان کي وڌيڪ تيز ڪيو آهي. عالمي واپاري تنظيم (WTO) ٽيڪسن ۽ تجارت جي عمومي معاهدي (GATT) تحت تيزي سان ترقي پذير ملڪن جي معاشرن کي کپت جي منڊي (Consumer market) ناهڻ لاءِ سندرو تنگ ڪري ڇڏيو آهي. نج ڪاري ڇانٽي ۽ ڪارخانن جو بند ٿيڻ ان جو نتيجو آهي. ان سان هڪ اندازي موجب اسان جهڙن ملڪن جو ستر سيڪڙو عوام بي روزگاري جي ور چڙهندو.

پاڪستان جهڙا ملڪ جن سوشلسٽ بلاڪ جي وقت سامراج جي دلال جو ڪردار ادا ڪيو ۽ عوام دوست قوتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي چيياتيو سماج ۽ ساست ۾ ويندي رياست تائين کنهن به لاڙي کي منظم ٿيڻ نه ڏنو. محب وطن عوام دوست پورهيت طبقي جي قيادت کي يا شهيد کيو يا کرپٽ کيو يا وري مايوس کري ڇڏيو . اهو ئي سبب آهي جو مسئلا تمام گهٽا آهن پرجدوجهد نه آهي. سمورو معاشرو مسشکلاتن جي ڏبڻ ۾ ڦاسي پيو آهي. جنهن کري تيزي سان حالتون خانه جنگي طرف وڌي رهيون آهن ۽ فاشزم جو خطرو شدت سان نظر اچي رهيو آهي. ان کري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عوام دوست قوتن کي منظم ٿي عارضي شکست جي مايوسي مان نکري پورهيت طبقي ۽ استحصال جي شکار ماڻهن کي تنظيم جي رسي ۾ پوئي سماج جي تبديلي جي جدوجهد شروع کئي وجي.

هي ننڍڙو کتاب عوام دوست پورهيت طبقي جي ان سپاهي جي جيل يادگيرين تي مشتمل آهي. جنهن سماج جي تبديلي جي قوتن جوسات ڏنو بي انتها عذاب برداشت کيا پر ان جا ارادا کمزور نه ٿيا عوام مان پروسو ختم نه ٿيو وڌي ڳالهه اها ته اهو سڀ کجهه برداشت کرڻ ۽ تمام گهڻن ساٿين جي بزدل ٿي وڃڻ وجڻ کان پوءِ به مايوس نه آهي سفر کي شارٽ کٽ ۾ تبديل نه کيو آهي اميد آهي ته هي تکليفن جو داستان پڙهڻ کان پوءِ سماج جي تبديلي لاءِ جاکوڙيندڙ ساٿين جي جذبن کي مهميز ملندي .انهن جا جذبا جوان ٿيندا جدوجهد جي رفتار کي تيز کندا ۽ سماج جي تبديلي لاءِ انقلاب برپا کرڻ واري اميد کي يقين ۾ بدلائيندا.

امداد قاضي
15-1-99

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون جڏهن اک ڪولي تہ پنهنجي ڇؤ طرف ڀٽن ۽ ڏهرن تي پنهنجي سيني عزيزن ڪي رڍون چاريندي ڏٺم. ٽاريلي زمين تي فصل تمام گهٽ ٿيندو هو. ويتر پاڻيءَ جي اڻ هوند ماڻهن جي زندگيءَ ڪي ڪٺن ڪري ڇڏيو هو. هنن پنهنجي جياپي جو سهارو رڍن ڪي بڻايو هو. سارو سارو ڏينهن ماڻهو مال چاريندي گذارينداهئا ۽ شام جو واپس پنهنجين جهڳين تي ايندا هئا. ڪي تہ وري ڏورانهن علائقن ڏانهن وڃڻ ڪري، ڪيترائي ڏينهن گهرن کان پري رهي پوءِ واپس ورندا هئا. ننڍي هوندي کان ونڊي، جيئن ئي گهمڻ ڦرڻ جهڙا ٿيندا هئا تہ کين رڍن جو ڏنار بڻايو ويندو هو. سواءِ مال چارڻ جي ٻيو ڪو ڏنڊو ئي نہ هوندو هو، جنهن ۾ بہ تمام ٿورا ٻار پڙهڻ لاءِ ويهاريا ويندا هئا. ماڻهو ٻار پڙهائڻ عيب سمجهندا هئا. ٻارن کي نہ پڙهائڻ جو ٻيو سبب اهو بہ هو تہ غربت سبب انهن کان رڍون چارايون ويندیون هيون.

هڪ ڏينهن اسڪول جو ماستر اسانجي ڳوٺ آيو. سيني کي چيائين تہ " ٻارن کي اسڪول موڪليو تہ پڙهن". سيني انڪار ڪري ڇڏيو ڪنهن بہ پنهنجا ڇوڪرا ماستر کي نہ ڏنا. مان ننڍو هوس وڃڻ لاءِ تہ تيار ٿيس پر هڪ تہ پنهنجي پيءُ اجازت نہ ڏني ٻيو وري ماستر چيو، " تون اڃان ننڍڙو آهين" مونکي پڙهڻ جو گهڻو شوق هو انڪري ماستر واري راءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونکي نہ وڻي. پکو پھہ کيم تہ اڄ ضرور ويندس. جڏھن ماستر واپس وريو ۽ کافي پنڌ ڪري ويو تہ مان بہ لڳو مانس. اٽکل ٻن ميلن جي مفاصلي تي وڃي پھتو مانس. منھنجو ايڏو شوق ڏسي وڏيڪ انڪار نہ ڪري سگھيو ۽ وٺي ويو اسڪول. ماستر ملان ھو ۽ تمام گھٽ پڙھيل ھو. اھڙيءَ طرح ان ماستر وٽ مون پڙھڻ شروع ڪيو. روزانو ڇھہ ميل پنڌ ڪري اسڪول ويندو ھوس ۽ ساڳيو پنڌ ڪري واپس گھر ايندو ھوس.

پنج درجا پاس ڪري وري ھڪ ٻئي اسڪول ۾ فائنل جا ٻہ درجا پڙھڻ لاءِ وڃي داخلا ورتم. اھو اسڪول ٻہ ميل اڄان بہ پري ھو. جڏھن فائنل بہ پاس ڪري ويس تہ انگريزي پڙھڻ لاءِ اسرار ڪيم پر بابي اجازت نہ ڏني ۽ ريڊن جو ڏنار بنائي ڇڏيائين. ڳوٺ جي آس پاس ريڊون چاريندي جڏھن گاھہ ختم ٿي ويندو ھو تہ وري سڀ گاھہ جي ڳولا ۾ پنھنجي ڳوٺ کان ڪيئي ميل پري، پنجاب جي علائقي ۾ ريڊن جا ڏڻ ڪاھي ويندا ھئاسين. اھو علائقو اسانجي ڳوٺ کان گھٽو پري ھو، انڪري ڪيترائي ڏينھن اتي رھي پوءِ واپس ايندا ھئاسين. پاڻي جا ساندارا ساڻ کڻندا ھئاسين. ٻيا ڇوڪرا اھي ساندارا ڪلھن ۾ وجھي گھمندا ھئا، مان سانداروڪٽي نہ سگھندو ھوس، انڪري سانداري جي نوڙي متي ۾ وجھي سانداري کي پٺيءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڑڪائي ڇڏيندو هوس ڪافي عرصو ريون چاريندي گذري ويو. مون کي جيئن ته پڑهڻ جو شوق هو، انڪري بابي کي چيم ته " مان انگريزي پڑهندس" بابي ڪاوڙ مان چيو "پڑهي ڇا ڪندين، اسان کهڑو پڑهياسين جو وري تون پڑهندين، اسان غريب ماڻهن کي نوڪري ڪير وٺي ڏيندو؟ شرافت سان ريون چار پنهنجو ابي ڏاڏي وارو ڏنڏو سنڀال".

اسان جا وڏا پير پاڳاري جا مريد هئا. مونکي خبر پئي ته پير پاڳارو پنهنجي درگاهه تي پڑهڻ وارن کي ڪجهه مدد ڏيندو آهي، انڪري هڪ ڏينهن گهران ڀڄي نڪتس ۽ سڌو وڃي پير پاڳاري جي درگاهه تي پهتس. خرچ لاءِ درخواست لکي خليفي کي ڏنم جا هن منظور نه ڪئي ته مون روئي ڏنو. جنهنتي هن کي رحم اچي ويو ۽ وري ٻي درخواست لکي ڏيڻ لاءِ چيائين. ٻي درخواست لکيم جا خليفي منظور ڪئي. خرچ جو مسئلو ته حل ٿيو پر اسڪول ۾ داخلا ۾ رڪاوٽ پئجي وئي. ڇو ته جيڪو فائنل جوسرٽيفڪيٽ وٺي آيو هوس، ان تي صحيح ٽيل ڪا نه هئي. جنهن آفيسر جي صحيح ٽيٽي هئي، ان جو نالو الهڏتو خان هو. نه رشوت وٺندو هو ۽ نه وري ڪا سفارش مڃيندو هو. مان سرٽيفڪيٽ ڪٽي ان جي ڳوٺ ويس پر هو ڳوٺ ۾ ڪو نه هو. ان جي ماءُ ڳوٺ ڪان ٻاهر ريون ٻي چاريون وري ان ڏانهن ويس پڇيائين، " ڪير آهين ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيو آهين." سچي ڳالهه ڪري ٻڌائي مانس ۽ الڪو به ظاهر ڪيم ته " شايد صحيح نه ڪندو. جيڪڏهن نه ڪيائين ته منهنجي داخلا نه ٿيندي ۽ مان پڙهڻ کان رهجي ويندس". چيائين " ڪيئن نه صحيح ڪندو. اڄي ته مان تو کي پاڻهي صحيح ڪرائي ٿي ڏيان مان ريڊن چارٽ جو قابل هوس، انڪري ڪراڙيءَ کي چيم ته " نانيِ تيستائين مان ٿو ريڊون چاريان تون ويهي دم پٽ دير تائين، ريڊون چاريندو رهيس. ڏاڍي اڄ لڳي ڪراڙيءَ کان موڪل ونِي هڪ ڪوهه تان پاڻي پيئڻ ويس، ڪوهه تي نار چڙهيل هو. نار کي گيڙو ڏئي نيسر ڏانهن پيو وڃان تيستائين پاڻي وهي پيو وڃي انڪري منهنجو مسئلو حل نه پيو ٿئي ايتري ۾ هڪ پريومڙس آيو چيو مانس " ڏاڍي اڄ لڳي آهي نار کي گيڙو ڏي ته مان پاڻي پيئان" نار کي گيڙڻ شروع ڪيائين، پاڻ آڱرين جي وٽين مان وهي هيٺ ٿي ڪريو جيڪو ٿورو بچيو. سو پي پيتم، ان طرح همراهه ڪجهه وقت نار کي گيڙيندو رهيو جڏهن پاڻي پي ڏؤ ڪيم، تڏهن پچيائين " پٽ تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن آيو آهين." چيو مانس شر آهيان سرٽيفڪيٽ تي الله ڏتي خان کان صحيح ڪرائڻ آيو آهيان. داخلا جو مسئلو آهي. الله ڏتو خان باهر ويل آهي ان جو انتظار آهي." چيائين " جيڪڏهن هو صحيح نه ڪري ته پوءِ"؟ چيو مانس " ڪيئن نه ڪندو؟ نانيءَ کي چيو اٿم هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻهي ان کان صحيح ڪرائي ڏيندي". چيائين " چئبو ته سفارش مظبوط اٿئي، پلا سرٽيفڪيٽ ڏي ته مان ئي تو کي صحيح ڪري ڏيان" مون سرٽيفڪيٽ نه ڏنو مانس ته وري چيائين ." الهڏتو مان آهيان مون کي ڏي سرٽيفڪيٽ ته مان تو کي صحيح ڪري ڏيان". ڏنو مانس اتيئي صحيح ڪيائين سرٽيفڪيٽ ڪٽي پير جي ڳوٺ ويس ته داخلا ٿي وئي. انگريزي پهرين درجي کان شروع ڪيم. ان وقت انگريزيءَ جا به درجا سڏبا هئا، جماعتون نه سڏبيون هيون. پڙهڻ شروع ڪيم. پهرين ڏينهن ئي، جڏهن استاد اي بي سي لکائي ته سڀني اي بي سي لکي ماستر کي ڏيکاريم. ماستر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون تي ڪجهه وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳو. مان سڀني ڇوڪرن کان هوشيار هوس جڏهن پهرئين درجي جو امتحان ٿيو ته صرف انگريزي ۾ 79 مارڪون کنيم. باقي ٻين سڀني سبجيڪٽن ۾ سؤ سؤ مارڪون کنيم. استادن صلاح ڏني ته تنهنجي عمر وڌي وئي آهي (ڇو ته به ٽي سال ريڊون چاريون هيم انڪري عمر وڌي وئي هئي) به امتحان ڳڌي ڏي. اهڙي امتحان لاءِ وري الهڏتي خان کان منظوري ونٽي هئي. منظوري لاءِ ويو مانس ته هن دير ئي نه ڪئي. جلدي ۾ صحيح ڪري ڏنائين. ٻيو درجو ۽ ٽيون درجو ڳڌي امتحان ڏنم ته استادن وري اسڪالر شپ منظور ڪرائڻ جي صلاح ڏني. اسڪالر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شپ منظور کرائڻ جي طريقہ کا ر جي جاچ ڪيم. خبر پئي تہ اها بہ الهڏتي خان کي ئي ڪرا ي آهي. ڏاڍي خوشي ٿي ڇو تہ ان کان صحيح ڪرائڻ تي هر ي ويو هوس ۽ سولي لڳندي هئي. هو بہ ڏاڍو سٹو ماڻهو هو ،مهرباني ۽ شفقت سان پيش ايندو. هو اسڪالر شپ لاءِ د رخواست ڪٹي ويو مانس. سامهون ايندو ڏسي ڪلي پچيائين " وري ڇا گهرجئي" چيم " اسڪالر شپ" مذاق ڪندي چيائين " اها تہ مان منظور نہ ڪندس" مون چيو " جيڪڏهن نہ ڪندين تہ مان نانيءَ ڏانهن ٹو وڃان" چيائين " ڏروواهہ جو تاڙيو اٹئي" خير صحيح ڪري ڏنائين ۽ اسڪالر شپ بہ منظور ٹي وئي ۽ پندرنهن روپيا ماهوار ملڻ لڳا جيڪي ان وقت جي حساب سان مون لاءِ ڪافي هئا.

انگريزي چوٹون درجو پڙهي اتان ڇڏي آيم ۽ پنجون درجو اچي مير پور ماٹيلي ۾ پڙهيم. پنج درجا پورا ڪري، وري ايجان واڌيڪ پڙهڻ جو ارادو ظاهر ڪيم تہ بابي خرچ بند ڪري ڇڏيو. چيائين " مون وٽ نہ ئي خرچ آهي ۽ نہ ئي ردون چارڻ لاءِ ڏيو ماڻهو. انکري ڇڏ پڙهڻ کي. اچي ردون چار". مون چيو " ردون کو نہ چارينداس تون خرچ نہ ٹو ڏين تہ ٹيڪ آهي مان نوڪري ٹو ڪريان" نوڪري جي ڪوشش ڪيم جيڪا جلدي ۾ ملي وئي. اسانجي ئي علائقي ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واهه آهي " سئي کيلجي" ان تي گيج ريڊر (پاڻي ماپڻ وارو) ٿي ويس. ان وقت منهنجو هڪڙو دوست هو علي بخش، جيڪو سانگهڙ ۾ جوٽيجا زميندارن وٽ رهندو هو. اهي جوٽيجا سابق وزير اعظم محمد خان جوٽيجي جا مائٽ هئا. علي بخش مونکي چيو ته تون پڙهيل آهين مونسان گڏجي هل ته مان تو کي پنهنجي زميندارن وٽ وٺي هلان اهي تو کي منشي کري رکندا" مان ساڻس گڏجي جوٽيجن وٽ ويس هنن هڪدم علي بخش جي ڳالهه ميجي. مونکي ڪراچيءَ واري بنگلي تي پنهنجو منشي کري رکيو. مان رکيو ته منشيءَ طور ويو هوس پر لک پڙهه ڪرڻ يا حساب ڪتاب رکڻ ڪان وڌيڪ مونکي گهر جو سودو آڻڻو پوندو هو.

1965ع واري جنگ لڳي وئي ان وقت مان حر مجاهد هوس. پير پاڳاري پنهنجو فورس رضا ڪارانه طور پاڪستاني فوج جي مدد لاءِ جنگ لاءِ ڏنو هو. پاڳاري جا مريد ڏڙا ڏڙ جنگ لاءِ پرتي ٽيڻ لڳا. مونکي خبر پئي ته جنگ لاءِ پرتي جاري آهي، جنهنڪري مان جوٽيجن کي چڏي، حر فورس ۾ پرتي ٽيڻ لاءِ سڌو ڪراچي ڏانهن هليو ويس چو ته پرتيون ڪراچي ۾ ٽي رهيون هيون. ڪشمير جو هن وقت وزير اعظم سردار عبدالقيوم پرتيون کري رهي هو. مان به ان وٽ ويس، مونکي پرتي ڪيائين. پر جيئن ته مان پڙهيل هوس انڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونکي رجسٽريشن جي ڊيوٽي سنيالڻ لاءِ ڏنائين. مونسان پيو
بہ هڪڙو ڪشميري رکيائين جيڪو بہ لکپڑهہ ڄاڻندو هو.
صبح کان شام تائين رجسٽريشن ڪندا هئاسين وري رات جو
ماٹهن کي ٽريننگ بہ ڏيندا هئاسين. مان ۽ پيا ٽي ڄڻا سردار
عبدالقيوم سان گڏ رهندا هئاسين. هڪ ڏينهن اوچتو وڏا
ڏماڪا ٿيا. هندستاني جهازن بمباري ڪئي. ڌرتي ڏڏي وئي
لڳي پيو تہ ڪوئي زلزلو اچي ويو آهي سڀ جهڳون ڪري ڇٹ
ٿي ويندیون. اسان سردار عبدالقيوم سميت سيئي ٽيبل هيٹان
گهري وياسين. مونکي اڳ جو تجربو ڪو نہ هو انڪري مون
سمجهيو تہ شايد ائين لڪبو آهي ۽ بمباري کان ٽيبل بہ ماٹهوءِ
جو بچاءُ ڪري سگهي ٿي. تنهن هوندي بہ مون سردار
عبدالقيوم کان پڇيو تہ " سردار صاحب! ڇا ٽيبل بم کي
روکي سگهندي" ڇيائين تہ " نہ" مون چيو تہ " پوءِ ٽيبل
هيٹيان لڪڻ جو ڪهڙو فائدو." مون سوچيو تہ هي مونکي
محاذ تي ڪو نہ موڪليندا. منهنجو ٽائيم اتي لکپڑهہ ۾ پورو
ڪندا. پيو تہ جيڪي بمباري کان ايترا حراسان آهن، سي
ڪهڙا ڪاڙها ماريندا. انڪري پڪو پهہ ڪير تہ هاڻي هتي نہ
رهندس ۽ هليو ويندس محاذ تي مان وڙهڻ آيو آهيان. هتي رهڻ
۾ ڪهڙو فائدو. سردار عبدالقيوم کي چيم " مان محاذ تي
وڃي وڙهڻ ٿو چاهيان. هاڻي مان وڌيڪ هتي رهي نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگھندس." سردار صاحب اجازت نہ ڏني ۽ نيٺ مان چوريءَ اتان هليو ويس محاذ تي جيستائين مان ڪراچي ۾ هوس تہ ان وقت تائين هندستاني فوج ڪشن گڙهہ تائين پهچي وئي هئي. پر جڏهن مان ڪشن گڙهہ پهتس تہ ان وقت هندستاني فوج اتان پوئتي هٽي وئي هئي. هندستاني فوج کي دراصل پاڪستاني فوج يا اسان کو نہ هٽائي سگهيا هئاسين، پر هوءَ پاڻ ئي اتان هٽي وئي هئي. ڇو تہ اهو علائقو ايترو تہ ڏکيو هو جو اتي فوج لاءِ رهڻ بہ مشڪل هو. هندستاني فوج واپس موٽي وڃڻ ڪري تڪليف ۽ خرچ کان بچي وئي پر اسانکي قبضو بحال رکڻ لاءِ تمام گهڻو خرچ ڪرڻو پيو. (هن وقت اهو هنڌ رهڻ لائق آهي ڇو تہ روڊ ٺهي ويا آهن انڪري ڪجهہ سهوليت آهي) مان آخر تائين اتي رهيس ۽ين ڇو نڪين تي بہ گهمڻ ڦرڻ ويندو هوس.

جنگ ختم ٿي تہ مان وري سانگهڙ جوٽيجن وٽ موٽي ويس. هن دفعي جوٽيجن مونکي زمين تي منشي ڪري رکيو. اهو ڪم جيئن تہ لکپڙهہ جو هو ان ڪري منهنجي بہ مائيندڙ وٽان هو ۽ ڪراچيءَ واري، گهر جي سودي سامان وٺڻ واري ڪم جي مقابلي ۾ سٺو پي لڳو. بہ سال اتي رهيس تہ پٽيان منهنجي شاديءَ جو بندوبست ڪيو ويو، نياپو موڪلياڻون تہ سگهو پهچ تنهنجي شاديءَ جو سمورو بندوبست مڪمل ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويو آهي. اهڙيءَ طرح ڳوٺ آيس ۽ 1967ع ۾ منهنجي شادي ٿي. پنج يا ڇهه مهينا ڳوٺ ۾ مس رهي سگهيس ڇو ته روزگار جو مسئلو شديد مسئلو هو. ان ڪري گهٽو وقت ڳوٺ ۾ رهي ڪو نه سگهيس. وري ٽيون پيرو سانگهڙ وڃڻ جو ارادو ڪيم. جوٽيجا زميندار مونسان سٽو ورتاءُ ڪندا هئا. جيڏانهن به ڦري گهري وٽن ويم ته هن پيري مونکي سانگهڙ شهر ۾ رهايائون، ڇو ته ان وقت سانگهڙ شهر ۾ سندن بنگلو ٿهي رهيو هو. مونکي ان بنگلي تي ٽيندڙ ڪم جي سنپال سونپيائون. سڄو بنگلو مون پنهنجي نظرداريءَ ۾ بيهي ٿهرايو.

انهن زميندارن وٽ رهڻ ڪري مونکي اهو فائدو ٿيو ته زرعي سڌارن جي تمام ويجهڙائيءَ کان مشاهدي جي ڪري، ان جي گهرائيءَ سان پرک پئجي ويئي. ڇو ته زمين زرعي سڌارن ۾ اچي وئي پر وري به هاري ويچارا اهڙي جا اهڙا رهيا. ڇا ڪاڻ ته زميندارن گهٽي زمين ته پنهنجن گهر جي ڀاتين ۾ ورهائي ڇڏي. باقي جيڪا ايجان به واڌارو زمين بچي سا به پاڻ ئي ڪٽندا هئا.

هارين جي ڪهڙي مجال جو زمين جي اپت گهر ڪٽي وڃن. ڪتابن جو مطالعو به مون ان وقت شروع ڪيو. خاص ڪري جي ايم سيد جا ڪتاب پڙهندو هوس. مطالعي سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لکڻ بہ شروع ڪيم. " زرعي سڌارا ۽ هارين کي ڇا حاصل" جي عنوان سان مضمون لکي مهراڻ اخبار ڏانهن موڪلينڈو هوس، جيڪي باقائدگيءَ سان ڇپجڻ لڳا.

ڪامريڈ عبدالقادر انڊڙ مونسان رابطو ڪيو. شايد هن منهنجا هارين جي مسئلن تي مضمون پڙهيا هئا. منهنجو تہ اهو ئي اندازو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪامريڈ منهنجا مضمون پڙهيا هجن، جنهن ڪري هن مون کي ڳولي لڌو. ان ڪانپوءِ هن جو مُونسان لاڳيتو رابطو رهڻ لڳو. هارين جي مسئلن تي ڪچهريون ٿيون، مونکي هن جي ڪچهرين مان نئون مواد ملڻ لڳو، جيڪو وري مان مضمون ۾ لکندو هوس. اهڙيءَ طرح ڪامريڈ عبدالقادر انڊڙ جي صحبت ملڻ جي ڪري مان هاري تحريڪ ۾ شامل ٿي ويس.

سانگهڙ شهر ۾ ون يونٽ خلاف هڪ جلوس نڪتو، مون بہ جلوس ۾ شرڪت ڪئي. پوليس پهتي، مان نئون هوس ان ڪري پڄي نڪرڻ جو موقعو نہ تاڙي سگهيس. پوليس مونکي پڪڙي ڪٽي قابو ڪيو. هڪ اجرڪ مونکي پنهنجو هو، ٻيو انهن جو، ٻنهي ٻانهن کي ٻڌي جو گهلڻ شروع ڪيائون تہ مان هلڪڙو هجڻ ڪري آسانيءَ سان سندن پٽيان گهلبو ويس. ٽاٽي تائين پير ئي کوڙڻ نہ ڏنائون. ٽاٽي تي پهچي وري دل تي ڪٽيائون. اهڙيءَ طرح منهنجين گرفتارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو سلسلو ان ڏينهن کان شروع ٿيو. کجهہ ڏينهن ٽاڻي تي روزانو مار ڏيڻ جي مهمان نوازي کرڻ کانپوءِ پاڻ ئي ڇڏي ڏنائون.

انهن ڏينهن ۾، ان وقت جي سکر ضلعي ۾ زمينون نيکال پي ٿيون، گدو بيراج تي آباد ٿيندڙ اهي زمينو اباوڙو، ميرپور ماٿيلو ۽ گهوٽکي تعلقن ۾ هيون، جيکي سڀ وڏن ماڻهن پي کنيون. خاص کري اسان جي علائقي ۾ زمين کڻي وارن ۾ گهٽائي پنجابين جي هئي. پنجابي اڳ ۾ ئي هک لک ايکڙ زمين هتان کڻي چکا هئا ۽ باقي رهيل زمين به کڻي رهيا هئا. ان نيلام جي خلاف تحريک شروع ٿي. مونکي جيئن ئي سانگهڙ ۾ خبر پئي ته مون دير ئي نہ کئي، سڌو ڳوٺ هليو آيس ۽ اچي ان تحريک ۾ حصو ورتم. تحريک هلندي سڄي سڌ مان هک سؤ چاليهن کان وڌيک ماڻهو گرفتار ٿي ويا. مان ۽ الهبچايو مرڻاس ميرپور شهر ۾ گڏ بک هڙتال تي ويٺاسين. پوليس اسان ٻنهي ڇڻن کي گرفتار کري، کٽي وڃي روهڙيءَ ۾ بند کيو. اتي لاک اپ ۾ به منهنجي بک هڙتال جاري رهي. مون اهڙي بک هڙتال کرڻي آهي ته پوءِ پاڻ پيئڻ وري ڇا جو. کا به شيءَ نڙيءَ کان اندر ناهي ٽپائڻي. ٻئي ڏينهن تي نک مان نکهير اچي ويئي. ايترو رت وهيو جو لاک اپ سڄو رت ٿي ويو. جڏهن بيهوش ٿي ويس ته اسپتال کڻائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويا ۽ گلو ڪوز جي ڊرپ چاڙهيائون. جڏهن هوش آيو ۽ ڊرپ چڙهيل ڏٺم ته ست ڏئي نيبل پانهن مان ڪڍي، ڊرپ کي پري اڇلائي ڇڏيم. پيهر ڊرپ چاڙهڻ لاءِ زور ڀريائون، پر چاڙهڻ نه ڏني مان، وري ايلاز ڪيائون ته " پلا جيڪڏهن ڊرپ چاڙهڻ نه ٿو ڏين ۽ ماني به نه ٿو کائين ته گهٽ ۾ گهٽ پاڻي پيءُ. جڏهن سندن ڪا به ڳالهه نه مڃيم ته وري سرپنٽينڊنٽ ڏانهن ڪٽي ويا ۽ ڪيس ٻڌايائون ته "هي ڪجهه نه ٿو کائي، نه ڪجهه پيئي ٿو ۽ نه وري ڊرپ چاڙهڻ ٿو ڏئي." سپرنٽينڊنٽ ڏاڍي رعب تاب واري انداز ۾ دهمان ڪندي چيو ته " اسان تو کي مار ڏينداسين" مون چيو ته مار ته کائڻ آيو آهيان،" اهڙي حالت ۾ مونکي به ٽي ڏينهن گذري ويا. ڪڏهن دورا پي پيا ته ڪڏهن هوش پي آيو. ته ڪڏهن وري اڌ ننڊ اڌ سجاڳ واري ڪيفيت يعني غنودگيءَ جي حالت ۾ وقت پي گذريو. نيٽ هڪ ڏينهن، شايد اهو پنجون ڏينهن هو. سپرنٽينڊنٽ جنگ اخبار ڪٽي آيو. اخبار آڻي منهنجي اڳيان رکيائين مون هن ڏانهن ڏٺو. هن هڪ خبر تي آڱر رکي چيو " هي پڙهه،" خبر پڙهيم جنهن ۾ لکيل هو ته " حڪومت هارين جا مطالبا مڃيا آهن". ان ڪانپوءِ منهنجي بک هڙتال جو ڪو به جواز نه رهيو. سپرنٽينڊنٽ ڪجهه بسڪوٽ ۽ چانهه ڪٽي آيو. ان ڪان پوءِ مون به روزو کوليو. رات جو جيل ۾ وڏائون. اتي عابد شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وکيل اچي مون سان مليو. الهبچايو مرڻاس روهڙيءَ ۾ هو، ان کي به صبح جو سکر وٽي آيا. مونکي به جيل مان ڪڍيائون ڏٺم ته الهبچايو ڊي ايس پيءَ جي اڳيان ويٺو آهي. اشارن ۾ پڇيو مانس " ڪيئن آهين" هن به اشارن ۾ چيو " ٺيڪ آهيان." اهڙيءَ طرح ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ ڊي ايس پيءَ ٻنهي کي ڇڏي ڏنو.

منهنجي آزاديءَ کان جلد ئي پوءِ سکرنڊ ۾ هاري ڪانفرنس ٿي ان ۾ شرڪت ڪيم. پاڻ سان گڏ ڪافي تعداد ۾ هاري ۽ مزدور وٽي ويو هوس. هاري ۽ مزدور اسانجو چگو ساٿ ڏئي رهيا هئا، جو ته اسان سندن مسئلا پي ڪنيا، ان وقت سنڌ هاري ڪاميٽيءَ بي دخلين جي مسئلي کي هٿ ۾ ڪنيو هو. جو ته ان وقت ڪرنٽ اشو اهو ئي هو. سکرنڊ واري ڪانفرنس به ان ئي مقصد لاءِ گهرائي وئي هئي.

سکرنڊ هاري ڪانفرنس ۾ منهنجي ملاقات غلام محمد لغاري، محمود الحق عثماني ۽ اعزاز نظير سان ٿي. ان ڪانپوءِ اعزاز نظير مون سان باقائده رابطا شروع ڪيا ۽ آهستي آهستي مونکي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ وٽي آيو. مونکي باقائده پارٽي سياست ڪرائڻ ۾ ان جو هٿ هو. مون مطالعو به ان وقت وڌائي ڇڏيو هو. جيڪي ڪتاب پڙهان پيو، انهن ڪتابن جو به مون تي ڪافي اثر پوڻ لڳو. انهن ڪتاب مان جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون تي وڌيڪ اثر ڪيو اهو هو جي ايم سيد جو ڪتاب " جيئن ڏٺو آهم مون" جيڪو پڙهي، مذهب جي چڱي ڄاڻ حاصل ڪيم، بلڪ باغي بنجي ويم.

اڳتي هلي سنڌ هاري ڪاميٽي ڪجهه ڏيمي پئجي وئي. ڪامريڊ غلام حسين سومرو صدر هو. سيني ڪامريڊن غلام حسين کي چيو ته " هاري ڪاميٽي ڪم ڪو نه ٿي ڪري، تون ڇڏ ته ڪو ئي ٻيو اچي." ان وقت مولانا عزيز الله جروار به ڪجهه سرگرم هو. غلام حسين سومري صدارت ته ڇڏي پر هاري ڪاميٽي ۾ن حصن ۾ ورهائجي ويئي. ڄام ساقيءَ مونکي چيو ته " تون سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو آرگنائيزر ٿيءَ" ڄام ساقي به ان وقت پارٽي سياست ۾يو ڪري ۽ اندر گرائونڊ هو. مونکي آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. مون سڄي سنڌ جا دورا ڪيا ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي يونٽ به ٺاهڻ لڳس، انهن دورن دوران تاج مريءَ وٽ به ويس.

وري هڪ ٻيو مسئلو کڙو ڪيو ويو. گدو بيراج جي زمينن تي زميندارن تي ڏنڊ وجهڻ شروع ڪيائون. ڇو ته ماٺهو زمينن جي قرضن جون قسطون ادا ڪري ڪو نه سگهيا. ان جو سبب اهو هو ته زمينن کي پاڻي چڱيءَ طرح نه پهچي سگهيو. پاڻي هوئي ٿورو، جنهن ڪري فصل نه ٿيا. زمينون تباهه ٿي ويون. ماٺهو قرضن جون قسطون ڪٽان ڏين. جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صرف هڪ قسط ۾ نہ ڏئي سگهيو. ان تي ۾ ڏنڊ وڌو ٿي ويو. اسان احتجاج ڪيوسين. مان اسٽي آردر لاءِ درخواست ڪٽي ڪراچيءَ ويس. نصرت نالي هڪ اردو اسپيڪنگ سيڪريٽريٽ ۾ ويٺو هو. ڏاڍو سٺن خيالن جو ماڻهو هو. مونکي چيائين " مان اثارتي نہ آهيان. اثارتي قائم علي شاهہ آهي. ان کان صحيح ڪرائي اچ تہ مان تو کي اسٽي آردر ٺهرائي ڏيان" ٻين علائقن جا ماڻهو ۾ ڪافي تعداد ۾ ٻيٺا هئا. هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم سان آيل هو. مان انهن سڀني ماڻهن کي پاڻ سان وٺي قائم علي شاهہ وٽ ويس. قائم علي شاهہ جو ڏٺو تہ هيترا سارا ماڻهو گڏجي آيا آهن. شايد مسئلو واقعي گنڀير آهي. مونکي انهن سڀني ماڻهن جو نمائندو سمجهي مونکان سٺي ٽموني احوال ورتائين. مون هن کي ساري تفصيلي ڳالهہ ٻڌائي. جنهن ڪري هن دير ئي نہ ڪئي ۽ صحيح ڪري ڏنائين. درخواست ڪٽي وري نصرت وٽ آيس. جنهن اسٽي آردر ٺاهي ڏنو. اسٽي آردر ڪٽي ڊي سي سکر وٽ آيس. ان وقت سکر جو ڊي سي عزيز اشرف هو. جيڪو بعد ۾ هوم سيڪريٽري ٿي رهي چڪو. ڊي سيءَ ميرپور ۾ فيصلي جي تاريخ رکي. ان تاريخ تي اسان ماڻهو ڪٽي ڪياسين. اها آگسٽ 73ع جي ڳالهہ آهي. گرمي تمام گهٽي هئي. ان ڪري پهرين تہ گوڙ ڪيوسين تہ گرمي تمام گهٽي آهي. ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڪليف ۾ آهن. شاميانو لڳرايو تہ گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو تہ
ڇانو ۾ بيهن. هن شاميانا لڳرائي ڏنا. ماڻهو سڀ اچي انهن
هيٺان بيٺا. مختيار ڪار هڪ عورت سان خراب پي ڳالهايو،
جنهن ڪري الهبڇائي مرڻاس مختيار ڪار کي چڱو گرم
ڪيو. مختيار ڪار ان ڪري بہ ڪجي نہ سگهيو، ڇو تہ ڏي
سي آيل هو.

اسان اندر ويا سين ڏي سي ڪرسيءَ تي عدالت واري
استائيل ۾ ويٺو هو. اسان پنهنجو مسئلو پيش ڪندي چيو "
جڏهن پاڻي بہ پورو نہ ٿو ملي. آبادي ٿي ئي نہ آهي تہ پوءِ
قسطون ڪيئن پريندا. ويتر ڏنڊ وجهي ماڻهن کي تباه ڪرڻ
ٿا چاهيو." ڏي سي چيو تہ " مون کي اهو اختيار ئي ڪونهي
تہ مان قرض معاف ڪيان يا ملتوي ڪيان" ان تي الهبڇائي
مرڻاس چيس " اڄ جي تاريخ فيصلي لاءِ تو ئي مقرر ڪئي
هئي. اسان ماڻهن کي فيصلو ٻڌڻ لاءِ ڪٽي ڪيو آهي.
جيڪڏهن تو کي اختيار نہ هو تہ اهو اڳيم ٻڌائين ها تہ اسان
استي آردر ڪٽي ڪنهن ٻئي اختيار واري ڏي وڃون ها. تون هتي
ائين آڳوٽي لاءِ " اسسٽنٽ ڪمشنر علي شير شيخ، جيڪو
اسان سان اڳ ۾ ئي بشيل هو، ڇو تہ اسان الهبڇايو مرڻاس،
حاجي جاويد ۽ مان ٽنهي ڄڻن هڪ پمفليٽ ڪڍيو هو، ان
پمفليٽ ۾ ڪل تيرنهن مطالبا هئا، جن مان هڪ اهو بہ هو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو کي هٽايو. اهو پمفليٽ گورنر کي ڏنو هوسين جيڪو انهن ڏينهن ۾ هٽي آيو هو. هن وقت وڪيل آهي، اصل ۾ اسان سان ويجهو آهي. پارٽيءَ جو همدرد ۽ ڪامريڊ ماڻهو آهي، اسسٽنٽ ڪمشنر کي ان پمفليٽ جي ڪاوڙ اڳيم ئي بيٺي هئي، سو جنهن وقت مرڻاس ڊي سيءَ کي اهي لفظ چيا تہ اسسٽنٽ ڪمشنر مون تي ٽڦڙ اولاري. مان اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار جي وچ تي بيٺو هوس. مختيار ڪار جي پريان ڊي سي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. الهبچايو مرڻاس جيئن تہ ڪجهہ پري بيٺو هو، ان ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر پهريون وار مون تي ڪرڙ پيو چاهي. جيئن ئي هن ٽڦڙ هنئي مان ان هيٺيان نڪري ويس. پر تنهن هوندي بہ هن جو وار خالي نہ ويو ۽ ٽڦڙ ٽڪاءُ ٿي ويئي مختيار ڪار کي. مختيار ڪار ڊي سيءَ جي مٿان ڪري پيو ۽ ڊي سي ڪرسيءَ کان هيٺ ليٽي پيو زمين تي، وڏو هل هنگامون مچي ويو. ٻڌڻ ٻڌائڻ هو ئي ڪو نہ جلديءَ ۾ پوليس کي فون ڪيائون. ماڻهو پڇڻ لڳا، اسان بہ ڪسڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس پهچي ويئي. ٻيا سڀ ماڻهو ٻاهر نڪري ويا، انهن کي تہ پوليس وٺڻ بہ ڪو نہ پي چاهيو. پوليس اچي پڪڙيو، مونکي ۽ الهبچايي کي ڪٽي وڃي ڏهرڪي لاڪ اپ ۾ بند ڪيائون. صبح جو ٻاهر ڪڍي علي شير شيخ جي آفيس جي ٻاهران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويهاريائون. اسان سمجهيو ڪو رماند ورتو ويندو 144 قلم لاڳو هو، ان ڪري سمجهيوسين تہ اهو 353 جو مسئلو آهي. هتي نہ تہ اڳتي ضامن ٿي ويندو، ايف آءِ آر ڪٽائي ڇڏيائون، فريادي پوليس هئي. آيف آءِ آر ۾ لکيائون تہ " اسان جي ڊيوٽيءَ ۾ رڪاوٽون وڌيون اٽائون."

خبر تڏهن پئي جو پوليس جو ٽولو بہ اچي ويو ۽ سول ڊريس ۾ هڪ همراهہ بہ آيو، جنهن جي هٿ ۾ ٽئو هو. اسان ٻئي هڪ ئي هٽڪڙيءَ ۾ ٻڌل هئاسين. سول ڊريس واري همراهہ ٽئي تي هٿ ڦيرائي پهرين الهبچايي جي منهن تي ڦيرايو. الهبچايو رنگ جو اڳ ئي ڪجهہ سانورو آهي، ان ڇيو "منهنجي رنگ ۾ ڪو بہ فرق نہ پوندو، توهان کي موڪل آهي." وري مون ڏانهن وريو. مون مزاحمت ڪئي. سڀ سپاهي چنبڙي ويا، لتون، مڪون، ڏنڊا، ڇڪڇڪان نيٽ، ٽنگو ٽالي ڪري ڪٽي هيٺ دسيائون. ڪنهن ڇنگهن کان ورتو، ڪنهن ٻانهن کان. ڪجهہ ڏڪ سپاهين کي بہ هٽي ويس نيٽ منهنجو منهن بہ ڪارو ڪيائون، ان وٽ وٽان ۾ مونکي هڪ ڏنڊو اک جي مٿان لڳي ويو، جنهن ڪري ڏاڍو زخم ٿي ويو، اک سڄي وئي. ان ڪانپوءِ سڄي شهر ۾ گهمايائون، شهر ۾ ڇڪر ڏياري فورن سڪر ڪٽي ويا، وڃي سينٽرل جيل ۾ واڙيائون، جيل ان وقت تمام گهٽو ڀريل هو، ڇو تہ تازو واقعو ٿيو هو. ماٹهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماريا هئائون. اهو پڻي جو شروعاتي دور هو. قيدين سمجهيو پي ته پڻو حڪومت ۾ آيو آهي. ڪجهه رليف ملندو. اهو ته نه مليو ويتر ماٺهو ماري ڇڏيائون. جيل ۾ ايتري ته سختي ڪري ڇڏي هيائون جو ڪو ٻڙڪ ٻاهر ڪيڏ وارو به ڪونه هو.

جيل جو علمدار ڪو جتوئي هو، تنهن کي جو مون پنهنجي ذات " شر" ٻڌائي ته ذاتي پرستيءَ جي ڪري هن مونکي ويهاري ڇڏيو. ڪم نه ڪرايائين، باقي الهبچائي کي ان ڏينهن ئي ڪم سان لڳائي ڇڏيائون. مون تيستائين ڪم نه ڪيو. جيستائين " ڇڪرن" کان ٻاهر هياسين. جڏهن مونکي اڇي چڪر ۾ موڪلياٿون ته ان رات مونکي بخار اچي ويو. اڇي چڪر ۽ ڪاري چڪر ۾ فرق اهو آهي ته اڇي چڪر ۾ ڪجهه آزادي هوندي آهي، باريڪون ڏويزنن ۾ ورهايل هونديون آهن. ماٺهو ٻين ڏويزنن ڏانهن اچي وڃي سگهندو آهي، پر ڪاري چڪر ۾ اها آزادي ڪا نه هوندي آهي. اندر ڪپڙي جون فيڪٽريون آهن، اتي سختيءَ سان ڪم وٺندا آهن. اڇي چڪر ۽ ڪاري چڪر ۾ ٻيو فرق اهو آهي ته اڇو چڪر آفيس کان پري آهي، جنهن ڪري آفيسرن جي ڪينس ڪجهه گهٽ آهي، پر ڪارو چڪر آفيس جي ويجهو آهي، ان ڪري اتي هر وقت آفيسرن جي پيڙ لڳل رهندي آهي.

منهنجي اڇي چڪر ۾ پهرين رات ڏاڍي ڏکي گذري جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته بخار به اڇي ويو ۽ اک ۾ جيڪو ڏک لڳل هو، ان ڏک به ڏاڍو سور ڪيو، سڄي رات عذابن سان گذري. صبح جو باهر ڪڍي جوڙي جوڙي ڪري ويهاريائون. ڇيائون " ڪنڌ هيٺ ڪري ويهو" اسان ڇيو " اسان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ سکيائي کو نه آهيون." سيني جي ڳٽپ ڪري اتاريائون. هر ڪنهن تي ڪم ورهائي رکيائون. مونکي هڪڙو وڏو مٽ ڏئي ڇيائون، " ڇنڪار ڪر". مٽ منهنجي هڏ قد کان ئي وڏو هو، جيڪو مون کان کڄي ئي کو نه پيو. هڪ ڀيرو جيئن تيئن ڪري کڻي ويس. ٻيو ڀيرو ڀري کڻڻ جي ڪوشش ڪيم ته نه کڻي سگهيس. سوچيم ته مٽ ڀڃڻ کانسواءِ جان نه ڇڏندي. ٿورو مٽي ڪري کڻي هٿ ڪڍيو مانس. مٽ ته ڀڄي ڀيو، پر مونکي وري ٻيهر مار کائڻي پئي. مار ان ڪري به گهڻي پيا ڏين جئين آئون کين پئسا ڏيان. پئسا ته مون وٽ هئا کو نه، ان ڪري ڪجهه اڳ ۾ سڳل هوس، ويتر وڌيڪ سڄائي ڇڏيائون. جڏهن طبعيت گهڻي خراب ٿي ويئي ته اسپتال ۾ وڃي داخل ڪيائون. صرف اسپتال جي واردن ۾ ۽ بي ڪلاس ۾ ڪجهه نرمي هئي، باقي سڄي جيل ۾ صبح کان شام تائين ڏکا، مڪون، لتون، مطلب ته ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ وٽ وڻان هوندي هئي. جون ۾ جهيڙو ٽيبو هو ۽ آگسٽ تائين اهو حشر لڳو پيو هو. جيل ته ويتر گرم هو، ان ڪري قيامت جو ڏيڪ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امان الله شيخ لاڙڪاڻي وارو ۽ قاضي محمد بخش ڏامراهه به جيل ۾ هئا. امان الله شيخ ان وقت جيئي سنڌ ۾ هو. ان کي ڏاڍي مار ڏني هئائون، سگريٽن جا ڏنب ڏنا هئائونس. مطلب ته ڏاڍو ٽارچر ڪيو هيائونس. هو ان وقت عمر جو به ننڍو هو. سهڻو چوڪرو هوندو هو. اسان کي ته هن تي سختيون ڏسي ڏاڍو رحم ايندو هو.

جڏهن مونکي خبر پئي ته امان الله به هتي آهي ته مون ان ڏانهن پرچي موڪلي، جنهن ۾ لکيو مانس ته " اسان به اچي ويا آهيون، پر شايد اسان سان قرب ڪجهه وڌيڪ اٿن، ان ڪري اڇي چڪر ۾ رکيو اٿائون. ڪجهه آواز اٿاريو ته جيئن اسان سان سياسي قيدين وارو سلوڪ ڪيو وڃي." اها ڳالهه هن محمد بخش ڏامراهه کي ٻڌائي. اسان جا ماڻهو شيخ ايياز تائين به پهچي ويا. ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ ڪوئي رند هو. ان کي شيخ ايياز نيايو موڪليو ته اهي منهنجا اٿئي، انهن جي پارٽ هجئي. محمد بخش ڏامراهه آزاد ٿي ويو. اهو وڃي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ويهي رهيو. ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي چيائين ته " مانڊل وارا سياسي ماڻهو آهن، انهن کي گهرائي بي ڪلاس ۾ رک" ان ڪانپوءِ اسان کي گهرائي بي ڪلاس ۾ رکيائون. محمد بخش ڏامراهه وڃي عبرت اخبار کي بيان ڏنو ته " مونکي حيرت آهي ته پ پ جي دور ۾ سياسي ڪارڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا منهن کارا کيا ٿا وڃن. پٽو صاحب جمهوريت جون جيڪي وڏيون وڏيون دعوائون ڪندو هو، ان جا ته هاڻي پول بہ کلي پيا آهن." ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اسان کي وري بي ڪلاس مان ڪڍن پيا پر صوبائي وزير محمد خان سومرو اچي ويو. ان تي ايجاڻ محمد بخش ڏامراهہ جي بيان جو اثر بيٺو هو. ان ڪري هن جيل انتظاميہ کي چيو ته " هي جيستائين جيل ۾ آهن، هنن کي بي ڪلاس ۾ رکو" بي ڪلاس ۾ اسان کي ڪٿون ته مليل هيون، باقي ڪاڏو ساڳيو ئي سي ڪلاس وارو ملندو هو. ڪاڏي ۾ " ٽبلو" دال ملندي هي. ٽبلو دال ان کي چوندا هئاسين، جيڪا بغير گيهہ جي رڌي ويندي هئي. دال ڇا هوندي هئي سمورو پاڻي هوندو هو. دال شايد پاڻيءَ کي ڏيکاري موٽائي ويندا هئا. باقي جيڪا دل گيهہ ۾ رڌل هوندي هئي، ان کي " ٽڙڪو" چوندا هئاسين، ان دال ۾ وري گيهہ ايترو وجهندا هئا جو دال جي مٿان گيهہ جو صرف ترورو نظر ايندو هو، ان ڪري ئي ان کي تڙڪو چوندا هئاسين. اها دال سڪيلڊن يا پاڳ وارن کي ملندي هئي. اسان ان دال لاءِ بہ سڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي ٻاهران بہ گهرائيندو هو يا وري ٽبلي کي ٻيهر رڌي ڪجهہ ڪائڻ لائق بنائيندا هئا. باقي اسان ته غربت جي ڪري ٽبلي تي ئي گذارو ڪندا هئاسين ۽ تيستائين ائين ئي گذارو ڪيوسين، جيستائين پارٽيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوستن مدد ڪئي. روهڙيءَ سيمينٽ فيڪٽريءَ جي دوستن ان سلسلي ۾ ڪافي مدد ڪئي ۽ ڪافي ضرورت جون شيون موڪليون.

سپرنٽينڈنٽ تبديل ٿي ويو. وري نور الاهي شيخ نالي هڪ ٻيو سپرنٽينڈنٽ آيو. هو جيئن ئي پهتو تہ قيدين سان وري نئون آزار شروع ٿي ويو. قيدين لاءِ رڙ ٻاري ڏنائين. ڪيترن کان ماري ڪٽي پئسا ڪڍيائون.

اسان کي ڊينجرس Dangrious قيدي قرار ڏئي، ڪرمنل ڪيس بنايو ويو هو. پر محمد بخش ڏامراهہ اسان کي سياسي قيديءَ طور متعارف ڪرائي ويو هو. نہ تہ ڪيس 13-14 غنڌا ايڪٽ جو هو. سپرنٽينڈنٽ گهرائي چيو تہ "توهان کي هاڻي بي ڪلاس مان ڪڍي سي ڪلاس ۾ ٽا رکون." اهو ان ڪري چيائين تہ جيئن ڪجهہ پئسا ڳالهائين، پر اسان پئسا کو نہ ڳالهايا. ڇو تہ اسان سوچيو تہ جيل مڙئي جيل آهي پوءِ ڪٽي ڪٽي بہ رکن، جڏهن اسان پئسا نہ ڏنا تہ بند وارڊ ڪرائي ڇڏيائين. بند وارڊ ۾ قيدين کي ڏاڍو مارينڊا هئا، ٽئين چوٽين ڏينهن مڙيئي ٻہ ٽي قيدي پيا ڪٽبا هئا. هڪ قيديءَ جا ٻاهران ٻہ هزار روپيا آيا، ان کي بہ ماري سمورا پئسا ڦري ويا. بند وارڊ جي قيدين جا مائٽ اچي ٻہ ٽي هزار ڏئي، انهن کي بچائيندا هئا. پر جن وٽ پئسا نہ هوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا يا جن جا مائٽ نہ ايندا هئا. اهي ائين ئي ٽئين چوٽين ڏينهن ڪٽبا رهندا هئا. اسان وٽ هڪ شيدي قيدي هوندو هو. اهو روز چوندو هو، " اڄ توهان جو وارو آهي." هڪ دفعي اسان جي ملاقات آئي. ان ملاقات ۾ جيڪو به سامان آيو. سو سڀ اهو شيدي کائي ويو. ان ڪانپوءِ جلد ئي اسان جي مالڪي به ٽي ويئي. جنهن ڪري مار ڪان بچي وياسين. پر اتان ڪڍي پهرين ڪاري چڪر مان ڪڍي وري زناني وارڊ ۾ وڌائون. پهرين سمجهوسين ته ڪڏهن ڪڏهن زناني وارڊ جي سهوليت به ڏيندا آهن الائي ڇا. پر ائين نہ هو. مرداڻن واري ۾ ماڻهو گهٽا هئا ۽ زنانا وارڊ خالي هئا. ان ڪري ئي اسان کي زنانن واري ۾ رکيائون. اتي پي ته ڪا سهوليت ڪا نہ هئي. باقي انبن جا وڻ جام هوندا هئا. جنهن ڪري انب ڏاڍا ڪاڏاسين. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گهٽ سال رهي ٻاهر نڪتاسين.

1975ع ۾ وري ميرپور ماٿيلي ۾ DPR يعني De-fence of Pakistan Rules تحت گرفتار ڪيائون. گرفتار ڪري جلدي سينٽرل جيل سڪر پهچايائون. ايان اتي پهتس ته ڏٺم ته الهبچايو مرڻاس مون کان اڳ ۾ ئي اتي ويٺو آهي. هن پيري خبر نہ آهي ته الهبچائي کي چو گرفتار ڪيو هئائون. ولي خان ۽ عثمان ڏيپلائيءَ سان به ان ئي پيري جيل ۾ ملاقات ٿي. مان جنرل شيروف مريءَ سان گڏ رهندو هوس. جيل ۾ پٺاڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو رويو مونسان ڏاڍو سٽو هوندو هو. انهن پٺاڻ قيدين کي چوندا هئاسين تہ " ولي خان کي بہ اسان جي وارڊ ڏانهن وٺي اچو تہ ساڻس ڪچهري ڪيون." اسان جي مطالبي تي هو هفتي ۾ هڪ دفعو ڪيس اسان ڏانهن وٺي ايندا هئا. ان وقت نعپ تي پابندي هئي ۽ بلوچستان ۾ حڪومت جو بلوچن سان جهيڙو هلي رهيو هو. ان ڪري ولي خان پٺي تي ڏاڍو چڙيل هو ۽ پٺي جي خلاف ڳالهائيندو هو.

عثمان ڏيپلائي بہ هڪ مهيني لاءِ آيو هو. هن پير سرهنديءَ خلاف ڪو ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ پير سرهنديءَ لاءِ ڪچيون گاريون لکيون هئائين. هڪ ڳالهہ اها بہ لکي هئائين تہ " پير سرهندي شيدي ڪمرڪش رکندو آهي." ان ڪتاب جي ڏوهہ ۾ ڪيس جيل نصيب ٿيو هو.

هارين جي مسئلن تي ڳالهائيندي طارق اشرف سان ان ڳالهہ تہ جهڙپ ٿي وئي تہ مان پيو چوان تہ " هاريءَ کي پورو ڪاڏو بہ ميسر ڪونهي" ۽ هو پيو چوي تہ " هاري هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو گوشت ضرور کائي ٿو. ڪجهہ هاري روبرو هئا، جن کان راءِ ورتي سين پر فيصلو طئ نہ ٿيو ۽ بحث ۾ شدت ايندي ٿي ويئي. آخر عثمان ڏيپلائيءِ ڏانهن فيصلي جي حل لاءِ وياسين.ان ڪنهي جي ڳالهہ ٻڌي شاهہ محمد شاهہ کان پڇيو تہ " تو کي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ هاري هفتي ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دفعو گوشت کائيندو آهي." چيائين " ترقي پسند اديب لکندا آهن." عثمان ڏيپلائي ڳالهائڻ جو ڪجهہ ڪليل هو. تنهن ڇڙندي چيس " کهڙو ماءُ جو ..... ترقي پسند اديب ائين ٿو لکي تہ هاري هفتي ۾ هڪ دفعو گوشت کائيندو آهي. اڙي جيڪڏهن رسول عيدون مقرر نہ ڪري ها تہ هاري سال ۾ بہ گوشت کو نہ کائي ها. توهان گهر ويهي هارين لاءِ سوچيندڙن کي کهڙي خبر تہ هارين جي زندگي ڪيئن ٿي گذري."

پارٽيءَ جو ڪم ڪندي ڪندي هڪ دفعي ميرپوربٹوري قاسم پٹر ڏانهن ويو هوس، اتان موٽي ميرپور ماٹيلي پهتس ۽ گهر جي لاءِ ڪجهہ سودو وٹي رهيو هوس تہ هڪ پوري پني قد واري پنجابيءَ مونکي سڏ ڪيو. اٹي هن وٹ ويس تہ هن مونکي ٻانهن کان ڪٹي جهليو. چيائين " تو سان ڪجهہ ڳالهائٹو آهي." دڪان تان هيٹ لٹاسين تہ هيٹ هڪ رينجرس جو سپاهي وردي ۾ اڳ ئي بيٹو هو. سول ڊريس واري پنجابيءَ چيو تہ پڇڻ جي ڪوشش نہ ڪجاءِ. منهنجو ارادو پهرين تہ پڇڻ جو هو. پر اهو رينجرس وارو سپاهي پٹيان پٹيان پئي آيو، انکري" پڇڻ بيڪار سمجهيم. تنهن هوندي بہ اڏ فرلانگ کن ان هورا کورا ۾ هوس تہ جيڪڏهن وٹي ملي وئي تہ پڇي جان ڇڏائيندس. هڪ موڙ تي اچي ڪنڊ ورائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوئتي ڏٺم تہ سپاهي رائيفل کي منهنجي کيڙيءَ تي تاڻيون ٿو اچي. ان کانسواءِ پنجابي همراهہ جو هٿ ۾ منهنجي کرائيءَ ۾ مضبوطيءَ سان وڏل هو. ان کري ڇڄڻ جو کو چانس نہ سمجهي، رهيو کهيو ارادو ۾ ترک کري ڇڏيم.

ميرپور شهر جي A- Colony جي آفيس وٽ پهچي، هک لوهي کلي ۾ بند ٽيل هٿ کڙيءَ ۾ منهنجو هٿ وجهي اهو هليو ويو. مان چرين وانگر ٻڏو رهيس. ڊيوٽيءَ تي موجود رينجرس جو سپاهي ۾ مون وٽ ڊجي ڊجي پي آيو. مون کي ڊجندي ڊجندي آهستي چيائين. تون هنن FIU وارن جي ور کيئن چڙهي ويو آهين. هي تہ انتهائي خطرناک آهن. ظالم آهن. " ان سپاهيءَ ئي ٻڌايو تہ اهو پنجابي FIU جو نائب صوبيدار هو." مان ان وقت FIU کي FIA پيو سمجهان، جيکو منهنجي نظر ۾ ايڏو خطرناک نہ هو. ڇو تہ اهو ادارو گهٽو کري کورٽن مان رماند وٽندو آهي، جنهن کري ماڻهو پنهنجو قانوني بچاءُ کري سگهندو آهي. پاڻيءَ جا ۾ چار ڊڪ پي سمهي پيس تہ ننڊ اچي ويئي. اوجاڳو تمام گهٽو هو، ڇو تہ قاسم پٽر کان واپسيءَ تي رات جو ريل ۾ ننڊ نہ اچي سگهي هئي.

نائين يا ڏهين وڳي صوبيدار آيو ۽ اچي ننڊ مان جاڳايائين. چيائين " تو بابت اسان کي پوري معلومات آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون جيڪڏهن سچ ڳالهائيندين تہ اسان تو کي هتان ئي ڇڏي ڏينداسين. ڪنهن کي خبر ٻہ نہ پوندي، نہ تہ معلوملو اڃان اڳتي وڌندو." مون چيو " پچو، ڇا ٿا پڇڻ چاهيو." مونکي جيڪا خبر هوندي اها ٻڌائيندس. باقي جنهن ڳالهہ جي خبر نہ هوندي اها آئون توهان کي ڪو نہ ٻڌائي سگهندس." هن جيڪو پهريون سوال ڪيو، سو اهو هو تہ " تون انڊيا کهڙي مقصد سان ويو هئين، اسان تو کان اهو ٿا پچون. پيو تہ ڇاڪاڻ ساڻيءَ سان تنهنجون. ملاقاتون آهن، اهو ڪٿي ڪٿي رهي ٿو. امر لال، غلام حسين شر ۽ نذير عباسيءِ سان تنهنجو ڪهڙو تعلق آهي."

موجوده دؤر جا ڪجهہ نوجوان، ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ان جي ليڊرن تي پارٽيءَ کي خفيہ رکڻ جي ڪري سخت ڪاوڙيل آهن. پر هو اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ سر ڪارون جيترو ڪميونسٽ تي ڪاوڙيل آهن اترو شايد ئي ڪنهن ٻئي تي ڪاوڙيل هجن. آمريڪا پڻ ترقي پزير ملڪن ۾ ڪميونسٽن جي وڌڻ تي پريشان آهي. ڪميونسٽ ٿورائي ۾ هوندي ٻہ سماج کي صحيح رخ ونڊائڻ لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪري رهيا آهن، اها هنن کان برداشت نہ ٿي ٿي سگهي. روسي سرڪار ڪميونسٽن سان هر ممڪن تعاون ڪندي رهندي هئي. گهٽي ياڳي ڪميونسٽ لٽريچر مفت ۾ ملي ويندو هو. يا ائين ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چئجي ته ڦگڙن مٺ تي ملي ويندو هو.

مون دل ئي دل ۾ پکو پهه ڪري ڇڏيو ته هنن کي ننڍي کان ننڍي ڳالهه به نه ٻڌائيندا. منهنجي اڳيان ڪا فلا شهيد ون ڪا" جو اهو ڪردار سامهون اچي ويو، جيڪو مار کان بچڻ خاطر ۽ پنهنجي جند ڇڏائڻ خاطر پنهنجن ساٿين جا ڪجهه راز ٻڌائڻ پيو چاهي. پر جيئن ڪجهه ٻڌائي پيو ته وري وڏيڪ پڇا ڪرڻ خاطر ڪيس تارچر پيا ڪن ۽ هو وڏيڪ ٻڌائيندو ٿي ويو. اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين جرمن جا برن عذاب ڏيندي هن کي ماري ڇڏيو. محمد بخش سومري کان ورتل اهو ڪتاب ان وقت منهنجي لاءِ ڏاڍو فائديمند ثابت ٿيو. ڪانئس اهو ڪتاب مون ان وقت ورتو هو جڏهن هو جيڪب آباد ۾ وڪالت ڪندو هو. مان ساٽس ۽ امداد اوڍي سان، ڄام ساقيءَ جي هدايت تي ملڻ ويندو هوس.

مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو ته ڪجهه به ٻڌائڻو ناهي جي ماڻهو مارڻو هوندن ته ماري هونئن ئي ڇڏيندا. ڪجهه ٻڌائڻ سان ڇڏي ڪو نه ڏيندا، پوءِ جو پنهنجن ڪامريڊن سان غداري ڪيان، جو ٻين کي ڦاسرائي ڇڏيان. هڪ وقت آهي جو مڙان اچي ويو آهي. جيتري به مار ملندي خاموشيءَ سان سهندس ۽ هن امتحان مان پاس ٿيندس. صوبيدار کي چيم "مان هڪ هاري ورڪر آهيان وڏيرن جي خلاف آهيان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايڏو وڏو ماڻهو نہ آهيان جو مونکي ايڏو وڏو ڪم سونپيو وڃي تہ مان انديا وڃان. توهان مونکي پل ۾ پکڙي آيا آهيو، جام ساقي بہ مون صرف ہڏو آهي ملاقات جو ارادو آهي تہ سهي پر ايجان ملاقات ٿي نہ سگهي آهي امر لال ۽ غلام حسين شر سان منهنجي ملاقات آهي، هن ہ ٿي دفعا چيو ۽ زور ڀريو تہ " ہڏاءِ مان تنهنجي پلي لاءِ ٿو چوان هتان اڳتي وڃڻ ڪانپوءِ تنهنجو آزاد ٿيڻ مشڪل آهي. تون نوجوان آهين، غريب آهين، تنهنجو پلو ان ۾ آهي تہ اسان کي سپ ڪجهہ ہڏاءِ. هن وقت ملڪ ۾ مارشلا آهي، واپس موڪلي نہ سگهندي" مان بلڪل خاموش رهيس هن مون کي وارن مان جهلي ہ ٿي ڏانڊولا ڏنا ۽ گهلي وڃي ڳاڙهي رنگ جي ڏاڪن ۾ ويهاريائين. بعد ۾ خبر پئي تہ منهنجي گرفتاريءَ کي ڳجهي رکڻ لاءِ اها ڏاڪن رحيم يار خان مان گهرائي وئي هئي. منهنجو خيال هو تہ مونکي سکر وڃي ويندا، پر جڏهن ڏاڪن جو رخ ڏهرڪيءَ طرف ٿيو تہ هنن جو ارادو پنجاب طرف وڃي وڃڻ جو معلوم ٿيو. تنهن هوندي بہ ٿوري گهڻي اها اميد هئي تہ رمانڊ ضرور وڃندا.

جڏهن رحيم يار خان پهتاسين، ان وقت ڪافي دير ٿي چڪي هئي اتان جو صوبيدار جڻ منهنجي ئي انتظار ۾ ويٺو هو. پهچڻ شرط سوال پڇڻ شروع ڪيائين پر مونکي ان جا سوال ايترا ڏکيا نہ لڳا، جيتري ان جي جسامت اڙانگي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان تہ ان جي چيلهہ تائين مس ٿي پهتس.

اٽڪل ٻي ويڳي هڪ جڳهہ جي هڪ وراندي ۾ وڻي ويا وراندي ۾ هڪ هٿ ڪڙي پئي هئي. جنهن جي زنجير جو سرو دريءَ جي شيخ ۾ ٻڌل هو. ان هٿ ڪڙيءَ سان مون کي ٻڌي، هڻيا ويا. ڪجهہ ئي سيڪنڊن ۾ ننڊ اچي وئي. صبح جو پنجين ويڳي اڌاري ليٽرين ڏانهن وڃڻ لاءِ جيائون. جڏهن روشني ڪجهہ وڌڻ لڳي تہ نظر آس پاس ڪم ڪرڻ لڳي جائزو ورتم تہ ڇڻ ڇڻ ڪمرن جا لاڪ اپ هئا. جن جي اڳيان وراندو هو. جيڪو اٽڪل ڇهہ فوٽ ڪن ٿئي ها ۽ ڪمرن جو اندر 8X8 ٿئي ها. فرش اکڙيل هو. ڪي سران ڳل هيون تہ ڪي ڇڳيون هيون ماکوڙن ۽ ڪولين جو تہ راڄ هو. ماکوڙن ۽ ڪولين ڏانهن ڏسي وري جلديءَ ۾ پنهنجي جسم تي بہ گهمندي فرندي ڏٺم، انهن کي هڪ هٿ سان جسم تان ڇنڊي هيٺ ٿي لاٿم تہ وري چڙهي ٿي آيون ايتري ۾ چانهن اچي وئي. چانهن پيئڻ دوران ڪوشش پي ڪيم تہ هنن سان ڪجهہ ڳالهايان ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ معلوم ڪيان. ڊيوٽيءَ تي ڪل چار نوجوان هئا جن مان هڪ پٽاڻ ٿي لڳو، جيڪو انهن جو ڪمانڊر ٿي لڳو، سندس هٿ ۾ لڪڻ هو. وراندي جي سامهون اڇ وڇ لايون بيٺو هو. جڏهن مون هنن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪمانڊر سختي ڪندي چيو. " ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي سخت منع آهي" تنهن هوندي بہ اهو معلوم ڪري ورتم تہ گارڊ ڪمانڊر پٺاڻ حوالدار هو ۽ پڙهيل ڳڙهيل هو. باقي ٽي سپاهي هڪ هزاري جو ۽ بہ ميانوالي جا.

مون کي تعجب صرف ان ڳالهہ جو هو تہ هيترن ماڪوڙن ۽ ڪولين ۾ مون کي رات ننڊ ڪيئن آئي ان جو سبب شايد اهو هو تہ منهنجو ذهن صرف ۽ صرف پنهنجي مقصد ۾ ڪتل هو، پئي ڪنهن پاسي منهنجو ڌيان ويو ئي ڪو نہ. پيون سموريون سوچون ختم ڪري، بي فڪرو ٿي سمهيو هوس. انڪري ڪولين ۽ ماڪوڙن هوندي بہ پٽ تي سٽي ننڊ ڪيم.

ليٽرين ڏانهن بہ سپاهي وٽي ويا. هڪ اڳيان هو، پيو پٺيان. جڏهن ليٽرين وٽ پهتس تہ چوڌاري ڏسي، جڳهہ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪيم. خبر پئي تہ اها ڊپٽي ڪمشنر رحيم يار خان جي آفيس هئي. مان هتان ڪان ڇڪي طرح واقف هوس. 1965ع واري جنگ ۾ جڏهن مان حر مجاهد هوس تہ حر مجاهد سائين لاءِ ڪيترائي پيرا ڊي سي آفيس آيو هوس. جاڙي والي سيڪٽر جي ڪشن گڙهہ کي فتح ڪرڻ لاءِ بہ اسان هتان ويا هئاسين ۽ واپس اچي وري بہ هتي رهيا هئاسين. سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ بہ هتي اچڻو پوندو هو. انڪري آفيس کي گهڙيءَ ۾ سڃاڻي ورتم. پر انهن ڏينهن ۾ ۽ اڄ واري ڏينهن ۾ وڏو فرق هو. ڇو تہ انهن ڏينهن ۾ حر مجاهد جي حيثيت سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندو هوس. هن وقت هڪ ڪميونسٽ قيدي جي حيثيت سان آيو هوس. مون کي يقين ٿي ويو ته کي سال ته هتي هٽيڪو آهيان. اهو به خيال آيو ته ٿي سگهي ٿو ته تشدد جي لاءِ هتان شاهي قلعي ڪٽي وڃن. خير ڇا به ڪن پر ڳالهه هڪ ئي ٿيندي " انڪار" نه کي نو ڪوٽ. هي هولي اصل نه هولبي.

اهو سارو ڏينهن مونسان ڪنهن به نه ڳالهايو. سڄو ڏينهن سمهيو رهيس. ٻئي ڏينهن تي به سارو ڏينهن نندون ڪيم بس وقت تي ماني ملي ٻئي. هي ڪا ڳٽتي مون کي به ڪا نه هئي. انڪري نند جا مزا ڏاڍا ورتم.

نائين تاريخ تي ٻر واري آفيس ۾ وٽي ويا. جتي ڪئپٽن جي ڊريس ۾ هڪ ماڻهو ويٺو هو. اها آفيس رهائش جي جاءِ پي لڳي جنهن کي آفيس بڻايو ويو هو. ڪئپٽن پنهنجو نالو ڪئپٽن علوي ٻڌايو. ڪرسيءِ تي ويهاري چانهن گهرايائين مون سوچيو ٽي راتيون زمين تي ڪولين ۽ ماڪوڙن ۾ ستو آهيان تڏهن سنيال نه لڏائين اڄ ڏاڍو قرب پيو ڏئي. خير ڪجهه گهڙيون ته ڪرسيءِ تي ويهي لئه ڪيون، پوءِ جيڪي ٿيو، ان کي منهن ڏبو. ڪئپٽن مونسان اهڙو رويو اختيار ڪيو، جيئن مان کو ملاقاتي هجان. ہن ڏينهن جي تڪليف تي افسوس ظاهر ڪيائين. ڪٽ نه ڏيڻ جي ڏوهه ۾ صوبيدار جهانگير خان کي به ڏاڍا دڙڪا ڏنائين. صوبيدار مونکي اتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پري وئي ويو ۽ مخاطب ٿي چيائين ته " مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏ، ڪا به ڳالهه لڪائيندي ته مان تنهنجو مٿو ڀڃي ڇڏيندس. ڪئپٽن علوي تو سان هر وقت موجود ڪو نه هوندو" مون به ڪيس صاف چيو" ڪئپٽن علوي جون مهربانيون به مان سمجهان ٿو. مون کي نه ڪنهن رعايت جي ضوروت آهي نه ڪنهن مهرباني۽ جي ۽ نه ئي ڪا ڳالهه لڪايان پيو. توهان جو نائب صوبيدار مونکي پل ۾ وٺي آيو آهي. مان اهو ماڻهو نه آهيان جيڪو توهان کي گهربل آهي. هونئن ته توهان مون کي ماري به سگهو ٿا توهان کان پڇڻ وارو ڪير آهي" تو کي علوي صاحب جو جيترو حڪم هوندو، انهيءَ کان وڌيڪ تون مون کي هڪ ٽڦڙ به نه هٽندين. فوج ۾ آفيسر جي حيثيت جي مونکي خبر آهي ڇو ته 65ع ۾ مان حر مجاهد جي حيثيت سان جنگ وڙهي چڪو آهيان. ايتري ڄاڻ مان به رکانٿو." بس پوءِ ته مونکي ٻنهي بغلن ۾ هٿ وجهي ڪٽي مٿي ڪنيائين. جيئن نندڙي ٻار کي کيڏائيندو هجي. اود ڪافر واري قد جي صوبيدار جو مون کي مٿي ڪٽي گهمايو ته سوچيم ته اڄ اتان ڪريس ته ڪنڌ ضرور ڀڃندو. پر هن ائين نه ڪيو ۽ آرام سان هيٺ لاهي. پوءِ جو ڏکو ڏنائين ته پٽيرو وجي ڪريس ۽ هو تکڙو تکڙو ٻاهر هليو ويو.

ٻئي ڏينهن تي وري گهرائي منهنجو بايو ڏيٺا لکيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ شاديءَ جو احوال، ماءُ پيءُ گهر گهاٽ، ريدون، بکريون مطلب ته ٽانو، به لکيائين. مون به سڀ کجهه تفصيل سان ٻڌايو ڇو ته ان لکائڻ ۾ مون کي کهڙو اعتراض ٿي سگهيو پي. بيگ جي تلاشي به ان ڏينهن ورتي وئي ان مان به جيکو سامان نڪتو، سو به لکيو ويو. جنهن ۾ ٽرين جي کرايي وارو کتاب ۽ ٽريکٽر لاءِ ورتل کوٽيشن به لکيو ويو. سڀ کجهه لکڻ کانپوءِ صوبيدار ڇيو." صبح تائين سوچڻ جو موقعو ڏيانءِ ٿو. رات جو سوچي وٺ. وري موقعو نه ملندءِ" ان کان پوءِ ڇڏي ڏنائين ۽ مان وري وڃي آرام سان ستس ۽ سڄي رات مزي جي ننڊ کيم.

صبح جو اٽکل ڏهين وڳي کٽيٽن علوي آيو ۽ چيائين ته " مون کي مٿان حڪم مليو اهي، هاڻي جيڪڏهن تون کجهه به نه ٻڌائيندين ته مان تو کي ٽارچر ڪندس. مري وڃڻ جي صورت ۾ تو کي سنڊ جي بار ڊر تي اڇلائي ڇڏيندا سين. تنهنڪري تون سڀ کجهه ٻڌائيندين ڇو جو اسان اهڙيءَ طرح به پڇندا آهيون جو ڪو به انڪار نه ڪري سگهندو آهي". مون کيس ساڳيو ئي جواب ڏنو ته، توهان غلطي ڪئي آهي مان اهڙو ماڻهو نه آهيان". مون کي چيائين ته " ڪٽ تي چڙهي ويهه" مان ڪٽ تي وڃي ويٺس ويهڻ سان منهنجو پئي ٽنگون ڇڪي ڇڏا چيرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان عذاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪري هڪدم سارو پگهر ۾ شل ٿي ويس. ان ڪيفيت ۾ ڪئپٽن وري مون کان سوال پڇڻ شروع ڪيا. ان حالت ۾ به منهنجو صرف هڪ ئي جواب هو ته " توهان مونکي غلطي سان پڪڑيو آهي". سندن غصي ۾ ويتر شدت اچي وئي. ڇا ڪيائون جو وڇ ڪٽ تي ويهاري هڪ ڇنگهه ڪٽ جي هڪ پانهينءَ طرف ۽ ٻي ڇنگهه ڪٽ جي ٻيءَ پانهينءَ طرف لڙڪائي، ڪنڌ کان وڌي اڳئين طرف ايترو ته زور سان هيٺ دٻايائيون جو منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو ڇڏا ڇيرجي ويا ۽ مان بيهوش ٿي ويس.

جڏهن هوش آيو ته پاڻ کي ساڳئي ڪمري ۾ ڏٺم جتي پڌل هوندو هوس. پکو جو اڳيم ڪو نه هو، سو منهنجي جسم کي هلڪي ۽ ٺڏي هوا پئي ڏني، سور ۾ ڪجهه گهٽتائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس پر ان جي اها ڪوشش بي سود هئي. گارڊ مٿان اچي بيٺو. ڇيائين ته " اٿي وري ڪٽ تي هلي ويهه، صوبيدار اڇڻ وارو آهي اها پکي جي رعايت به تو کي مون ڏني آهي" اٿڻ جي ڪوشش ڪيم پر ڪامياب نه ٿيس. ڇو ته ڇڏن ڇيرڻ ڪري ڇنگهون ڪم ڪرڻ ڇڏي ويون هيون. زور ڏئي اٿڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ وري مٿو ڦرڻ شروع پيو ڪري. ڪجهه منٽ خاموش رهيس سانت ۾ به ڪنن مان زوڪاٽن جا آواز نڪرندي محسوس پيو ڪيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمانڊر ڪي چيم تہ پڪي جي رعايت ڏئي تہ وڏي غلطي ڪئي آهي. توهان جڏهن آندو ئي عذابن ڏينڙ لاءِ آهي تہ پوءِ رعايت ڇاجي منهنجي بچڻ جي اميد ئي گهٽ آهي هاڻي نہ رک " هو في الحال ڪمري مان هليو ويو ۽ اڪل ڏهن منٽن ڪانپوءِ وري واپس آيو. چيائين " هاڻي اڃي سگهندين" مون ڪوشش ڪئي اڃي ويٺس. ويهڻ ڪانپوءِ اڃي بيهڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي ويس ۽ ٽڙندو ٽاپڙندو سڏو وڃي ڪٽ تي ويٺس گارڊ ڪمانڊر ڪجهہ پشتو ۾ چيو جو مون نہ سمجهيو. پوءِ ڪليو ۽ وري اردوءَ ۾ چيائين " هتي جڏهن بيهر ڪنهن ڪي ڪٽ تي ويهڻ لاءِ چيو ويندو آهي تہ بچڻ خاطر ايلاز ۽ رڙيون ڪندو آهي. تون شوق سان اچي ويٺو آهين. بيهر بچي بہ نہ سگهندين، مون چيو "توهان جڏهن بغير ڪنهن ڇاڻ جي ۽ بغير ڪنهن وارنٽ جي مون تي ايترو ظلم ڏا ڪيو تہ پوءِ ايلاز ۽ رڙيون ڪرڻ سان توهان مان ڪهڙي انسانيت جي اميد يا رحم جي آس رکي سگهجي ٿي. توهان سوئي ڪندؤ، جيڪو ڪجهہ چاهيندؤ. پوءِ رحم جي بيک ڇو گهران. جيڪي ڪجهہ وٽيو سو ڪيو" پنهنجي هٿ جي سهاري سان اتي وڃي آيو، جتي ڪجهہ منٽ اڳ بيهوش پيو هوس، اها جڳهہ ڏهن قدمن جي مفاصلي تي مس هئي جيڪا مون اڪل پنجاهہ ننڍڙن قدمن سان پوري ڪئي جيڪڏهن آزاد هجان ها تہ هلڻ وقت مون کي خبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ آهي تہ ايتري شڪتي مون ۾ ڪٿان آئي جو سيسرات ۾ نہ ڪيم.

اتي پهتس تہ هلي پيس درد کي محسوسات مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيم. پر درد ايترو تہ گهٽو هو جو وسري ئي نہ ٻيو. پيشاب تہ مورڳو ٻيٽو ئي نہ ٿي پاڻي ۾ پيئندو رهيس ۽ پيشاب ۾ هلندو رهيو. ڪپڙا سارا گهيلا ٿي ويا. گارڊ ڪجهہ گوريون آڻي ڏنيون. جيڪي مون پاڻيءَ سان ورتيون انهن گورين ۾ شايد ڪا نشي جي گوري ۾ هئي. ڇو جو ننڊ جلديءَ ۾ اچي وئي صبح جو جاڳ ٿي تہ پيشاب واري رفتار کي چيڪ ڪيم جيڪو پهرين خود بخود هلي رهيو هو. سو هاڻي بند تہ ٿي ويو پر وري ٻي مصيبت اها شروع ٿي وئي تہ پيشاب اچي ئي نہ ٻيو. توڙي جو زور ۾ ٻريون ٻيٽو هو. وري جڏهن گهٽن زورن ڏيڻ سان آيو ٿي تہ ان ۾ ساڙو ڏاڍو پي ٿيو ۽ اچي ۾ رکجي رکجي ٻيو. پهرين تہ ويهي نہ ٻيو سگهان پر گهٽي تڪليف ڪانپوءِ ويهي زور ڏيئي پيشاب ٻيو ڪيان تہ ٿورو ٿورو. رکجي رکجي اچي ٻيو پر اهو ۾ رت گڏيل ۽ ساڙيندو ساڙيندو پوءِ ٿي ٻاهر نڪتو. اها حالت لاڳيتو ٻہ ڏينهن رهي جنهن ڪري ڏاڍو ڪمزور ٿي ويس. مٿو بار بار چڪرائجي ويو وڃي.

ٽئين ڏينهن ڪٽڻ علويءَ گهرايو. چيائين " مون کي تو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان همدردي آهي پر اسان کي مٿان کان جهڙو حڪم ملندو آهي، اسان کي ائين ئي ڪرڻو پوندو آهي ٻلا ٻي ڪا تڪليف"؟ مون چيو " ڪا به تڪليف نه آهي سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ هلي رهيو آهي. تون پڻتي نه ڪر" ٻه قدم واپس ٽيس ته وري سڏي چيائين ته " گارڊ ٻڌايو آهي ته تو کي بار بار پيشاب ٿو اچي ڪهڙي تڪليف آهي. مون چيو" معمولي ساڙو آهي" گارڊ کي چيائين " هن کي اسپتال ڊيڪاري اڇ". مان خوش ٽيس ته اسپتال ويندس. ممڪن آهي ڪو اهڙو موقعو ملي وڃي. جيئن گهر نياپو موڪلي سگهان. ٻر جڏهن گاڏي تان لٿس ته ڏٺم اها فوجي اسپتال هئي جتي آندو هئائون. ٻين سان گڏ لائين ۾ ٻيهاريو ويو. جڏهن ڊاڪٽر وٽ منهنجو نمبر آيو ته مون کان اڳ ۾ ئي گارڊ منهنجو ۽ منهنجي بيماريءَ جو تعارف ڊاڪٽر سان ڪرايو. چيائين " سائين هي ملڪ جو غدار آهي ۽ ملڪ ٽوڙڻ جو حامي آهي. هن جو پيشاب بند ٿي ويو آهي" ڊاڪٽر مون کان ڪجهه به نه پڇيو صرف ايترو چيو ته . هن کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏيو ها، اهڙن غدارن جو سڀ کان کهڙو علاج آهي. چيڪ اپ ڪرڻ ڪانسواءِ ئي دوائن ڏي ڪمري ۾ ويهاريائون. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ڊاڪٽر آيو. اچڻ سان سمهاري منهنجو اڳڻ کوليائين. مون سجهيو ته شايد اهو چيڪ ٿا ڪن ته مسلمان آهيان يا هندو. پر ايتري ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيخ ڪٽي منهنجي نوش ۾ اماڻيائين. پهريون. پيرو مون کان رڙ نڪري وئي. ٻي رڙ کي روڪڻ لاءِ ڏندن کي پيڪوڙي چڏيم. جڏهن سيخ ڪڍيائين تہ پهرين اٽي ويٺس پر وري اتي جو اتي ڪري پيس. اها اٽڻ جي همت بہ خبر نہ آهي تہ مون ۾ ڪيئن اچي وئي سا بہ عارضي ۽ وري نستو ٿي ويس. گارڊ اچي اٽاريو ۽ وٽي اچي ڪمري تي پهچايائين.

ماني انهن فوجين واري ئي ملندي هئي. جيڪي اتي رهندا هئا. مان صرف اڏ يا مني ماني کائيندو هوس تہ جيئن پلي ڪمزور رهان ۽ ٿوري مار ملڻ تي بہ جلدي بيهوش ٿي وڃان تہ جيئين وڌيڪ مار کان بچي سگهان. ٻئي ڏينهن تي هنن ڏاڍي مار ڏني. ماري ماري جڏهن چڏي ڏنائون تہ گارڊ ڪمانڊر پرسان بيهي آهستي چيو " جوان اب يہ تيري جهانت نهين اکاڙ سکتي" سجو ڏينهن لڳن ۾ ڏاڍو سور هو ننڊ ڦٽائڻ جي بہ ڪوشش ڪيائون پر منهنجي ننڊ ڦٽائي نہ سگهيا. اٽاري سڏو پيا ڪن تہ وري هيٺ ڪري پيو پوان. مار کان تہ هونئن ئي ڪو نہ پيو ڏڃان. ان ڪري گهٽو ئي وس ڪيائون پر مان اٽان ئي ڪو نہ پيو نيٺ بيزار ٿي چڏي هليا ويا. لڳن ۾ مار جو سور تہ اڳ ئي بيٺو هو. انڪري جيئن ئي هٿ ڪڍيائون تہ اهڙي تہ ننڊ اچي وئي جو صبح جو ڏڪا ڏئي اٽاريائون.

منجهند جو گارڊ ڪمانڊر آيو. ٻڌايائين تہ " تو کي اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتان کڍندا" مون کي به اميد ٿي ته شايد منهنجو رماند وٽندا. جيکڏهن ائين کيائون ته گهٽ ۾ گهٽ کامريڊن کي ته خبر پوندي ته مان ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهيان. شام ٿي وئي تيستائين کو به نه آيو. آخر دير سان گارڊ ڪمانڊر آيو. چيائين " تو کي وري ڪنهن ٻئي هنڌ رکي، ٻيهر تفتيش ڪندا" هاڻي مون گمان ڪيڻ شروع ڪيا ته شايد لاهور جي شاهي قلعي ڏانهن ڪٽي ويندا.

رات جو رحيم يار خان جي اسٽيشن تي وٽي آيا، مون سمجهيو ته هاڻي پڪ ئي پڪ شاهي قلعي جو سير ڪرائيندا. گاڏي پليٽ فارم تي بيٽي هئي، جلديءَ ۾ اها خبر به نه پئجي سگهي ته گاڏيءَ جو منهن ڪهڙي طرف آهي. عام مسافرن سان گڏ ويهاريائون. مون کي هٿ ڪڙي لڳل هئي. ٻه گارڊ ۽ هڪ صوبيدار جهانگير مون سان گڏ هئا. گاڏي ڪچا ڪچ پريل هئي. پير رکڻ جي به جاءِ ڪا نه هئي. هڪ مسافر مون کي هٿ ڪڙي پهريل ڏسي، ڪجهه سري پري، ويهڻ جي جاءِ ڏني پر اها به نه سٽائون. مون کي اٽاري جهانگير پاڻ اتي ويهي رهيو. مان وري بيٽو ئي رهيس. هڪ مسافر مونسان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر گارڊ ان کي ڇڙپيندي چيو . هي ملڪ جو غدار آهي. تون هن سان نه ڳالهاءِ" مون کي به ڳالهائڻ کان منع ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گاڏي هلڻ وقت ڪجهہ شڪ ٿيو تہ گاڏي اولهہ طرف سڪر ڏانهن پئي هلي پر پڪ نہ پئي ٿي. پڪ تڏهن ٿي جڏهن گاڏي روهڑي پهتي. اتي مون کي ڪجهہ اميد ٿي تہ شايد سڪر ۾ منهنجو رماند ورتو ويندو. روهڑيءَ ۾ ويهڻ لاءِ سيٽ بہ ملي وئي. سوچيم هاڻي سڪر ويجهو آهي، ڇاڪ لڳاسين گاڏي لئسنڊائون پل تان گذري سڪر پهتي پر هنن مان ڪو بہ نہ لٿو. ائين ئي ٽيڪيا وينا رهيا. جيئن وينا هئا. آخر گاڏي سڪر ڪان بہ اڳتي چري هلي تڏهن سمجهيم تہ پنهنجي منزل ايان ڪٽي " اڳتي" آهي آزاد ٿيڻ جون سڀ اميدون ختم ٿي ويون.

بار بار پيشاب ڪرڻ لاءِ ليٽرين ڏانهن وڃڻ ڪري سپاهي غصي وچان چڙهيندو رهيو. سڪر وٽ هڪ معزز ماڻهوءِ سپاهيءَ کي چيو " پيشاب خاني ڏانهن ماڻهو کو خوشيءَ سان تہ ڪو نہ ويندو آهي. تو ۾ مسلماني نہ آهي ڇا"؟ ان سفارش تي مون کي خوشي بہ ٿي. پر اهو خيال بہ پي ٿيو تہ متان وري ان معزز ماڻهوءِ جي بيعزتي نہ ڪري وجهن. ڇو تہ هنن ۾ ماڻهپو تہ هو ئي ڪو نہ. جو ڪنهن جي عزت جو خيال رکن ان معزز ماڻهوءَ جو ڳالهائڻ ٻڌي جهانگير بہ سپاهين کي چيو تہ "جنهن وقت بہ پيشاب جي دانهن ڪري تہ اجازت ڏيوس."

گاڏي هلندي رهي ڪڏهن ننڊ، ڪڏهن جاڳ تہ ڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنڪيون. بعضي دريءَ مان استيشن جا نالا پڙهڻ جي ڪوشش پيو ڪيان تہ ڏسان تہ ڪٿي پهتا آهيون ۽ ڪيڏانهن پيا وڃون. استيشن جي نالن مان معلوم ٿيو تہ بلوچستان جي ڪنهن جيل ۾ رکندا. ٽين وڳي ڪوئيٽا پهتاسون. جيئن ئي ٽرين تان هيٺ لٿاسين تہ اسان کان اڳ ئي هڪ فوجي گاڏي بيٺي هئي. جنهن ۾ ويهاري هڪ جڳهہ تي ڪٽي آيا. لهي ڏٺم تہ جيل نہ پر فوجي بيرڪون هيون. مون کي هڪ استور نما ڪوٺيءَ ۾ واڙي ڇڏيائون. اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ ٻاهر ڪڍيائون تہ هڪ سريلو آواز منهنجن ڪنن تي پيو ڪوئي ترنم ۾ فلم زرقا جو گانو ڳائي رهيو هو " رقص زنجير پهن ڪر پي ڪيا جا تا هي" اها فلم منهنجي ڏٺل هئي. جڏهن ان آواز واري سيل جي ويجهو پهتس تہ وري ساڳئي ئي سريلي ۽ رس ڀرئي آواز ۾، پر سنڌيءَ ۾، راڳ واري لئہ ۾ هي لفظ ٻڌڻ ۾ آيا.

توسان هڪ پيرو مليو آهيان
ہ پيرانہ ٻڌائجان،
ڳالهائڻ تي پيل بندش آهي.
راڳ ۾ ٻڌائجان.

آواز تہ ٻڌڻ ۾ اچي پيو پر ڪو ماڻهو نظر ڪو نہ آيو مون سمجهيو تہ ڳالهائي تہ مونسان ٿو. آواز ڪو جاتل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڃاتل آهي. پر ڪير ٿي سگهي ٿو، سا ڳالهه سمجهه ۾ نه پي آئي. آواز واري سيل کان اڻڪل ويهن فوٽن جي مفاصلي تي مون کي به هڪ سيل ۾ بند ڪيائون. ته وري به راڳ جي آلا پن ۾ ساڳيا جملا ٻڌم. سوچيم ته همراهه ته ڪوئي پٺهنجو آهي، ڳالهائي به مونسان پيو، مام ۾ پيو ڳالهائي. پر ڪير آهي؟ مون کي اچڻ شرط گارد چيو " ڳالهائجانءِ بلڪل نه. جيڪڏهن ڳالهائيندي ته اڄ ئي مار شروع ٿي ويندئي. مون سوچيم ته اچڻ شرط مار مهانگي پوندي. ڪجهه پير جمايو پوءِ جيڪي ٿيو، منهن ڏبو هوڏانهن آواز جي ڏم لڳي پئي هئي. مونکي ڪجهه ٻڌائڻ پيو چاهي مون کان به ساڳئي طرح ورندي وٺڻ جي اميد پيو رکي. " ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ڪيئن پڃانس" ان هورا ڪورا ۾ هوس ته آواز سمجهه ۾ اچي ويو. اهو ڪامريڊ نظير عباسي جو هو. ڪامريڊ نظير جو مقصد هو ته " مون هنن کي ٻڌايو آهي ته مانڊل شرءِ مان صرف هڪ دفعو ملڻ آهيون. انڪري تون به هنن کي اهو ٻڌائجانءِ هڪ ڪان وڌيڪ نه. هاڻي ڪامريڊ نظر کي مان ڪيئن يقين ڏياريان ته مون تو کي سڃاتو آهي ڳالهائڻ تي بندش هئي، راڳ ڄاڻان ڪو نه، وري لفظن کي ڪامريڊ نظير وانگر شاعريءَ واري ڏاتو ۾ آڻي پيو سگهان. نيٺ ڪوشش ڪري جهڙا تهڙا لفظ سوچي، جهڙي تهڙي آواز ۾ مون به ڳائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شروع ڪيو.

حميده جو هسبنڊ آهين يا ڪو ٻيو آهين،

نالي الڪ جي ٻيڙو تار منهنجو.

جواب ۾ چيائين.

. تو صحيح سمجهيو آهي. آهيان يار تنهنجو".

اهڙي طرح اسان هڪ ٻئي کي پيغام پهچائي ورتو ۽ هن سمجهيو ته اسان راڳ پيا ڳايون. تنهن هوندي به ڪارڊ ڪماندر چيو ته " تون ڳالهائين ٿو. مون چيو . مان ته راڳ ٿو ڳايان پر جي تون ڪاوڙجين ٿو ته ڪٽي نه ٿو ڳايان".

رات گذري وئي صبح جو ڪامريڊ نظير کي ليٽرين ڊاهن وٽيون پي ويا. ڪامريڊ نظير جڏهن منهنجي سيل جي سامهون گذريو ته مون ڏٺو ته سندس ٻئي مٽيون زور سان پيڪوڙيل هيون. مون سمجهيو ته چئي ٿو ته تشدد وقت مٽيون پيڪوڙيل هجن. ائين ڪرڻ سان ماڻهو بيهوش جهڙ ٿي ويندو آهي. يا وري چوي ٿو ته بلڪل خاموش رهجانءِ. ڪجهه به نه ٻڌائجانءِ. بعد ۾ مون کي به ليٽرين ڊاهن وٽي ويا پر تکڙ ايتري ڪيائون جو پائخانو نه آيو ۽ ائين ئي واپس موٽي آيس. هڪ پيشاب جي تڪليف ٻيو پيٽ ۾ گڙ بڙ سو پيٽ ۾ سور پئجي ويو. پيشاب لاءِ ته ڊالڊا جو خالي ڊبو ڏنائون. باقي پائخانو ڪيئن ڪجي؟ اهو مسئلو پنهنجي جاءِ تي جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو تيئن رهيو.

مان ماني نہ ڪائيندو هوس. اهو انڪري تہ جيئن ڪمزور رهان ۽ ٿوري ئي مار ملڻ تي بيهوش ٿي وڃان تہ جيئن وڌيڪ مار کان بچي وڃان. ماني اڇلائڻ لاءِ مونکي هڪ سهوليت ملي وئي سيل جي مٿان جيڪو هارڊ بورڊ لڳل هو، انهي کي هڪ سوراخ هو. اتا سموري ماني اڇلائي ڇڏيندو هوس باقي کائي ڇڏيندو هوس ڇو تہ زندهہ بہ رهڻو هو.

ٻئي ڏينهن تي جڏهن وري ليٽرين ڏانهن وٺي وڃا تڏهن ساڳيءَ طرح ئي تکڙ ٻڌائون، جهڙي طرح پهرين ڏينهن تکڙ ٻڌي هئائون. هو ٻاهران آواز ڏين تہ منهنجي ڪم ۾ پوي خلل انڪري پورو اڌ ڪلاڪ لڳي ويو. ٻاهر ڪڍي چڪي خاصي مار ڏنائون تہ " ايتري دير ڇو لڳايئي". مون چيو تہ پائخانو بہ اچي نہ. مان ڇا ڪريان توهانجو آواز ڏيڻ رخنو پيو وجهي، تنهنڪري دير ٿي وئي. " ٽئين ڏينهن تي وي آواز ڏيڻ کان نہ پيا مڙن تہ مون ساڳيءَ طرح وري اڌ ڪلاڪ دير لڳائي. ان ڪانپوءِ هنن ۽ منهنجي وچ۾، يعني ٻنهي پارٽين جي وچ ۾ اهو سمجهوتو ٿيو تہ آواز هو نہ ڏيندا ۽ ايتري دير اندر مان بہ نہ ڪندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

26 جون تي منهنجي وري ساڳيءَ طرح سڃي بايو ڏيڻا لکي وئي، جهڙيءَ طرح رحيم يار خان ۾ لکي وئي هئي. 28 جون تي ميجر ناصر پاڻ وٽ گهرايو چانهن پياريائين، سگريٽ جي آڇ ڪيائين پوءِ چيائين ته " تون محب وطن آهي، تو کي برغلايو ويو آهي، تون مونسان سچو ٿيءُ ته تو کي آزاد ڪري ڇڏيندا سين" چيو مانس " توهان غلطي ڪئي آهي، مان انهن ماڻهن منجهان نه آهيان" چيائين ته " تون مولچند کي سڃاڻين چيم" نه " تپي باهه ٿي ويو پنج ست ٽاهو ڪيون گاريون وهائي ڪڍيائين مون کا به ورندي نه ڏني خاموش رهيس. وري چيائين مولچند مون کي ٻڌايو آهي ته هو تو کي چڱي طرح سڃاڻي. تو حيدربخش جتوئيءَ جي ورسيءَ تي چيو هو ته اسان فوج سان گڏجي حڪومت تي قبضو ڪنداسين، چا اهو به ڪوڙ آهي؟" مون چيو " اهو به ڪوڙ آهي" چيائين . مون مولچند کان تنهنجي لاءِ چڱي طرح پڇيو آهي. هو ته تو کي سڃاڻي ٿو" مون چيو " ميجر صاحب توهان مولچند کان چورائيندو ته مانڊل شروٽ توب به آهي ته هوائين به چوندو ان جو ذميوار مان ته نه آهيان. اصل حقيقت هيءَ آهي ته توهان کي ڪافرن برغلايو آهي" منهنجو ائين چوڻ ۽ ميجر جو اٽڪ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لکڻ ۾ ڏڏن سان اهڙو ته ڪٽيائين جو سنڌ سنڌ سور پيو ڪري. ڪٽي وڃي سيل ۾ ڦٽي ڪيائون ۽ ٽي ٻيرا پيشاب تي اٽڻ کان سواءِ باقي سڄي رات ننڊ ڪيم حالانڪ اڳيم ننڊ گهٽ ايندي هئي. پهرين يا ٻين جولاءِ جي تاريخ هئي نائب صوبيدار سيل ۾ آيو ۽ انتروگيشن شروع ڪيائين. باربر کي ويجهو ويٺو آهين تو کي اها ته ضرور خبر هوندي ته سمگلنگ ٿيندي آهي، اها ڪير ڪندو آهي، انهن جا نالا ٻڌاءِ ۽ اهو به ٻڌاءِ ته سمگلنگ ڇا جي ذريعي ڪئي ويندي آهي" مون کي جن جن جا نالا ايندا هئا، اهي ڪينس ٻڌايم ڇيائين" تو اصل نالو ته ٻڌايو ئي کو نه." ڇيم " مان سمگلر ته آهيان کو نه جو سيني جي خبر هجي." ڇيائين کوڙ ٿو ڳالهائين، سردار غلام محمد مهر ڪٽڪ انڊيا موڪلندو آهي"

ڇيو مانس " توهان کي واقعي پڪ آهي ۽ اهڙيون رپورٽون توهان وٽ آهن ته ڪٽڪ جي سمگلنگ ٿئي ٿي، تون قسم تي ٻڌاءِ ته پوءِ مان تو کي سمگرن جا نالا ٻڌايان." جلديءَ ۾ ڪٽان قرآن شريف کڻي آيو. اهو هٿ ۾ جهلي ڇيائين " ها اسان کي پڪ آهي." منهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي ته ايتري اٽ ڇاٽائي! پڪ ٿي وئي ته هي ڪجهه به نه ٿا ڄاڻن صفا ڪورا ڇٽ آهن. هٿ جون رپورٽون ٿاهي مڙيئي پورائي ڪندا آهن يا وري اهڙيون بي بنياد رپورٽون ٿهي ملنديون اٽن، جنهنجي ئي بنياد تي تفتيش ڪندا آهن، ڇيائين ته " مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قسم تي تو کي ٻڌايو، هاڻي تون ٻه مون کي ٻڌاءِ مون چيو "
اهو قرآن آ ته توهان صفا جاهل آهيو" کاوڙجي چيائين ته "
انهيءَ ۾ کهڙي جهالت آهي"؟ چيم اها جهالت نه آهي ته ٻيو
ڇا آهي. پراڻو کپڙو شرٽ جو هڪ اٽ جڏهن انڊيا پهچي ٿو
ته انهيءَ تي ٽي هزار روپيا بچت ٿئي ٿي. (ان وقت سمگلر
پراڻا سوٽ ۽ شرٽ کڻي ويندا هئا ۽ شراب آڻيندا هئا) ۽
ڪٽڪ جيڪڏهن پنج مڻ ٻه اٽ تي کڻي وڃن ته ڪل بچت
ٿيندي 250 روپيه (ان وقت يعني 1978ع ۾ پاڪستان ۾
ڪٽڪ سٽ روپيه مڻ هئي ۽ انڊيا ۾ هو سؤ ڏهه روپيه) ته ٻوءِ
سمگلرن کي کهڙيءَ ڪنيءَ ڪنيون آهي جو ڪٽڪ ڏوئيندا"
ان جواب ٻڌڻ کانپوءِ هن کو ٻه سوال نه ڪيو ۽ چپ چاپ
هليو ويو.

ڪامريڊ نظير کان هر وقت سريلا گانا ٻڌندا رهندا هئا
سون. منهنجو سيل هن جي سيل جي ۾رسان هو انڪري مان ته
ڇڻيءَ طرح ٻڌي سگهندو هوس. سندس آواز ۾ ايترو رس هو
جو لڳندو هو ته راڳ جي باقائده سکيا ورتل اٿس چوندا
هئاسون ته جيڪر ڳائيندو رهي ۽ اسان ٻڌندا رهون. هن جي
آواز صرف اسان کي متاثر نه ڪيو پر اتان جا ڀهريدار ٻه
ڪامريڊ کي فرمائشون ڪندا هئا ته ڪجهه ڳائي ٻڌاءِ. اسان
کي ته ڳالهائڻ کان ٻه روڪيو ويندو هو پر ڪامريڊ نظير کي
ڳائڻ جي فرمائش ڪندا هئا. صرف ميجر جي موجودگيءَ تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاموشي رهند هئي.

9 جولاءِ تي گارڊ ٻڌايو تہ " نظير عباسيءَ ٿو کي سلام چيا آهن. اڄ من کي هتان کڏي، کاڏي ٻئي پاسي وٺي ويا آهن، پڇو مانس تہ " نظير سان وڙهيا تہ کو نہ آهن نہ" چيائين " وڙهيا تہ کو نہ اٿس. پر انهن بي قدرن کي کڻڻ ي خبر حضرت عباس جي اولاد جي. جيستائين هتي هو، تيستائين چوري چپي ئي سهي پر مون خدمت جي سعادت حاصل ڪ ي. اڳي مان تو کي بہ غدار سمجهندو هوس پر مون کي نہ ليڪ سائين. ٻڌائي ڇڏيو آهي تون بہ ان وانگر بي گناهہ آهيں ا ها ڳالهہ ڪنهن کي ٻڌائجان نہ ڇو تہ اسان کي ڪنهن ق بديءَ سان ڳالهائڻ جي بہ اجازت نہ آهي"

ڏهين تاريخ تي صوبيدار وري انٽروگيشن لا ءِ آيو. منهنجي لاءِ مان کان وڌيڪ انٽروگيشن تڪليف وارو هوندو هو. مان چاهيندو هوس تہ مار پيلي ڏين پر انٽروگ شن نہ ڪن. انٽروگيشن کان انڪري لنوائيندو هوس متان ڪا ڳالهہ زبان مان نڪري وڃي، جيڪا منهنجي پارٽي يا منهنجن ڪامريڈن لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿئي ا و ئي سبب هو جو آءُ ڳالهائڻ ۾ ڪين ڇڏ ڏيارينڊو هوس تہ جيئن وڙهن پ ر ڪجهہ پڇن نہ، پاڻ کي ڪمزور بہ ان ڪري رکندو هوس تہ جيئن ٿوري ئي مار ملڻ سان بيهوش ٿي وڃ ان تہ جيئن انٽروگيشن کان بچي وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صوبيدار اڇڻ سان پڇيو " تون نظير عباسيءَ سان ملڻ
پيرا مليو آهين" چيم. صرف هڪ پيرو يونيورسٽي ۾ ملازم
ٿي هئي" چيائين .هون، خير نظير سان تون واقعي هڪ پيرو
مليو هوندين ڇو ته هن (نظير) به ائين ئي ٻڌايو آهي پر امر
لال ۽ غلام حسين شر به گرفتار ٿيا آهن، انهن به گهٽو ڪجهه
ٻڌايو آهي. سڀو اٽئي تون به اسان کي ڪجهه ٻڌاءِ نه ته اهي
تنهنجي روبرو ڪجهه ٻڌائيندا، پوءِ تون اسان کان ڪا به
رعايت وٺي نه سگهندين." امر لال ۽ غلام حسين شر پهرين
ڳالهه ته گرفتار ٿيا ئي نه هئا پر ٿي سگهيو پي ته گرفتار ٿيا به
هجن. ڇو ته آءُ اندر هوس ۽ ان ڳالهه کان اڻ واقف ٿي
سگهيس پي. تنهن هوندي به منهنجن سوچن کي ڪائي لرزش
ڪا نه آئي ڇو ته مون کي يقين هو ته انهن ڪجهه به نه ٻڌايو
هوندو. ڇو ته ڪامريڊ ايترا پارٽيءَ جا غدار ٿي ئي نه ٿا
سگهن. جو پارٽي ۽ پارٽي جي دوستن تي ڪائي ڇڪ هٽن.
تنهن هوندي به مون بي خبريءَ وارو جواب ڏيندي چيو ته "
موڇند موڇڑن جي ڪري مون تي شاهد بيهي ويو آهي تڏهن
به مون توهان کان ڪا رعايت نه گهري آهي اهڙي طرح
جيڪڏهن امر لال ۽ غلا حسين شر به منهنجي باري ۾ ڪجهه
ٻڌائيندا، تڏهن به مان توهان کان ڪا رعايت نه گهرندس".
پوءِ ته ديرئي کا نه ڪيائين هڪدم ڪٽي دسيائين. ننڍي
ڇنڪهن تي لتان ڏيئي مٿان سڄو پترو هلايائين چار پنج سڄو
پترا لڳا ته دم منجهڻ لڳو ۽ مٿو چڪرائجڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻہ ٽي ٻيا ٻہ لڳا تہ سهپ جو مادو وڏڻ لڳو. ڪٽي ڪٽي پنهنجي مرضيءَ تي بس ڪيائين ۽ هليو ويو. پهرين ٻہ ٽي ڪلاڪ ڏاڍي تڪليف ٿي ۽ جسم ڏکيو پي پر پوءِ ڏاڍي مٺڙي ننڊ وٺي وئي ۽ ڏاڍو سٺو آرام ڪيم.

20 جولاءِ تي ميجر ناصر ۽ چار ٻيا آفيسر قسم جا ماڻهو سول ڊريس ۾ ڪرسيون رکائي اچي ويٺا. مون کي گهرائي اڳيان بيهاريائون. چيائون " تون بار ڊر جي پرسان جو رهاڪو آهين. اسانکي سموري رپورٽ آ تہ تون اندراگانڊيءَ سان ملاقات ڪري آيو آهين. اتي تو کي گلن جا هار وڌا ويا هئا سو اسان کي پڪ آهي. اسان صرف تو کان اهو ٿا پڇون تہ ان ملاقات ۾ تنهنجي اندراگانڊي سان ڳالهہ پولهہ ڪهڙي ٿي هئي." مون چيو" جيڪڏهن منهنجي اندراگانڊي سان ملاقات ٿي آهي ۽ اتي مون کي گلن جا هار وڌا ويا تہ پوءِ توهان کي احساس هوندو تہ مان ڪيڏو وڏو ماڻهو آهيان ۽ ڪيترو احترام جي قابل آهيان پوءِ توهان کي شرم نہ ٿو اچي. جو توهان ميجر جي عهدي جا معمولي ماڻهو ٻہ منهنجو قدر نہ ٿا ڪريو. آءُ اپو بيٺو آهيان ۽ توهان ڪرسين تي ٽيڪيا ويٺا آهيو." بس منهنجو ايترو چوڻ ۽ ميجر مونکي چنبن سان وٺي ويو. ڪٽي ڪٽي جڏهن هٽ ٽڪس تہ وارن مان پڪڙي ڪٽي زمين تي ليٽايائين ۽ اچي لتن سان ورتائين. ٽڏا هٽي هٽي جڏهن پير ٽڪس ۽ اڃان ٻہ دل نہ ٽريس تہ وري اٽاري وارن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قابو جهلي منهنجو مٿو ڪٽي ديوار ۾ هنيائين تہ بيهوش ٿي ويس. جڏهن هوش آيو تہ رات جو گهرو انڌارو ڏٺم هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرايم تہ وري ساڳيو ئي سيل نظر آيو خبر نہ آهي تہ اهڙي بيهوشيءَ جي حالت ۾ گهٽو وقت گذري ويو. فرش تي پاسا ورائي ورائي، زخمي حالت ۾ ئي ليٽيو رهيس. اٿي بہ نہ سگهيس. ڪمزوري ڏاڍي وڌي وئي هئي. ماني نہ کائڻ ڪري جان مان ست ئي ڇڏائي ويو هو سوچيندو هوس تہ مان زندهہ ڪيئن آهيان. ماني نہ کائڻ مان اهو فائدو ضرور ٿيو جو مار ملڻ سان بيهوش جهڙ ٿي ويندو هوس. پوءِ تہ خبر نہ آهي ڇڏي ويندا هئا يا بيهوشيءَ جي حالت ۾ بہ ڪٽيندا رهندا هئا اها خبر انهن کي انسان تي جڏهن ڪامصيبت ايندي آهي تہ فطري طور تي برداشت جي قوت بہ وڌي ويندي آهي اهو ئي سبب آهي جو شايد ايتري مار سهي پي ويس ۽ پوءِ بہ زندهہ هوس. اڪيلو ماڻهو ڳالهائڻ ٿي بندش، اخبار يا ڪتاب بہ نہ هوندو هو. اهڙي حالت سوچون دماغ ۾ ڪجهہ گهٽيون ايندیون هيون جن کان جان ڇڏائڻ لاءِ سمهي پوندو هوس تہ ننڊ اچي ويندي هئي. اصل ۾ اڪيلائي بہ هڪ ٽارچر آهي جو بين ڪ... ... برداشت ڪرڻو پوندو آهي، هڪ ڏينهن ... ... جا آواز پي آيا. اهو سپ... ... ڏڪڻ طرف هو. سيلن جي ترتيب اهڙي هئي جو هڪڙي ئي قطار ۾ ويهہ فوٽ وڏيءَ سان ڏهہ يا بارنهن سيل ٺهيل هئا، سيلن کان پنجاهہ قدم ڪن ڏڪڻ طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليٽرين ٺهيل هئي. منهنجي سيل کان جيڪي ڊاڪٽين سيلن ۾ هئا، انهن جي ليٽرين ڊانهن وڃڻ وقت خبر نه پوندي هئي باقي اترئين طرف وارا جڏهن ليٽرين ڊانهن ويندا هئا تہ هو منهنجي اڳيان گذرندا هئا. ڪامريڊ نظير منهنجي اترئين طرف رهندو هو. ان ڪري ان کي مان روزانو ڏسندو هوس. سيلن جا در دريون بند هوندا هئا پر ڪيترن سيلن جي درن کي اڳ ۾ آيل قيدين سنهـا سوراخ ڪري ڇڏيا هئا، جن تي اک رکي ڏسڻ سان سامهون ٻاهر طرف ٽوري نظر پوندي هئي.

جنهن وقت رڙين جو آواز ٻي آيو، ان وقت گارڊ منهنجي سيل وٽ آيو ۽ اڇڻ سان تشدد ڪرڻ واري کي ٻـه چار ڪچيون گاريون رهڙي چيائين " هي ڪافر آهي سيد سان بہ وڙهيو آهي" مون پڇيو مانس تہ ان سيد جو نالو ڇا آهي، چيائين شاڪر شاهہ نالو اٽس خيرپور جو آهي تون هن کي سڃاڻين. شاڪر شاهہ کي تہ مان سڃاڻندو هوس پر مان هن جي پوري خاندان کي سڃاڻندو هوس. هي اهو ئي شاڪر شاهہ هو جنهن خير پور ۾ جرئت ۽ بهادريءَ سان ڪاهي ڏر جي سياست ڪئي هئي، سوچيم تہ جيڪڏهن شاڪر شاهہ کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪيم ۽ هن کان ماري ڪٽي، مون سان واقفيت باسرائي ڇڏي هوندا ئون تہ پوء تہ هن لاء وڌيڪ عذاب بنجي ويندو. شاڪر شاهہ جهڙو نازڪ ۽ نفيس ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترو برداشت ڪري سگهيو هوندو پر جيڪڏهن هن ڪجهه نه ٻڌايو آهي ۽ مان ٻڌائيندس، تڏهن به هن لاءِ مصيبت ٿي ويندي. تنهنڪري مان پوئين ڳالهه واري مصيبت هن لاءِ پيدا نه ڪندس. باقي جيڪڏهن هن مون کي سڃاڻڻ جي دعوا ڪئي تڏهن به چوندس ته مون کي ڏٺو هوند ائين پر مان هن کي نه سڃاڻان. مون کي ته هونئن ئي تقريبا روزانو مار ملي رهي هئي. پوءِ به ته اهڙي ئي مار ملندي نه. تنهنڪري سوچي ڇڏيم ته آءٌ شاڪر شاهه کي ڪو نه سڃاڻان ان کان پوءِ خبر نه آهي ته هن کي ڪڏهن آزاد ڪيائون. باقي مون کان هن جي باري ۾ به ٿي پيرا پڇا ڪئي وئي پر مان هر دفعي صاف صاف انڪار ڪندو رهيس ته، " شاڪر شاهه مون نه ڏٺو آهي نه ٻڌو آهي" هڪ دفعي جڏهن پڇڻ آيا ۽ مون انڪار ڪيو ته ڪنهن بالا آفيسر صوبيدار کي چيو " سات نمبر استعمال ڪرو، صوبيدار سيل ۾ اندر ئي مون کي وارن کان قابو جهلي زمين کان مٿي پٽيو ۽ پيو ٽڦڙن سان منهن ڪٽيندو رهيو، ڪجهه دير کان پوءِ صوبيدار چيو " رڙيون ڪر ته پوءِ تو کي ڇڏي ڏيان مون کي تو تي رحم ٿو اچي" مون چيو " رحم ته توهان سڪيائي ڪو نه آهيو نه ئي بي وقوفن کان رحم جي اميد ڪرڻ گهرجي جڏهن ٽڪجي پوندين، تڏهن پاڻ ئي ڇڏي هليو ويندين، باقي شاڪر شاهه کي مان سڃاڻان ئي ڪو نه" ٿيو به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ائين. جڏهن ڪٽي ڪٽي ٽڪجي پيا تڏهن هٿ چنڊيندا پاڻ ئي باهر هليا ويا. جڏهن هو هليا ويا تڏهن وري آءُ سندن " سات نمبر" واري ٻوليءَ تي سوچڻ لڳس. آخر ان نتيجي تي پهتس تہ وارن کان مٿي ڇڪي، منهن ۾ ٽڦڙون هٽڻ کي ئي شايد "سات نمبر" چوندا آهن اهو انهن جو ڪوڊ هوندو.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري ميجر انتروگيش لاءِ گهرايو. چيائين، " اڳ ۾ اسان غلطيءَ سان تو کي مار ڏني آهي هاڻي تون اسان سان تعاون ڪر. تون هندستان جي ويجهو ويٺو آهين. اسان سان گڏ جي ڪم ڪر، تون هندستان جي ويجهو ويٺو آهين. اسان سان گڏجي ڪم ڪر، جهڙو تون تهڙا اسان بس رڳو اهي علائقا ٻڌاءِ جن کان تون واقف آهين، مون کي ڪجهہ ڪل آئي پر روڪي ويس سوچيم تہ بيوقوف بنائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نہ حربا استعمال ٿا ڪن. جواب ڏنو مانس تہ " اهڙو رحم توهان کي مون تي ڪافي دفعا اڇي چڪو آهي. هر دفعي غلطيءَ کي محسوس ڪري، هر دفعي وري ٽارچر جو نئون طريقو استعمال ڪيو اٿو. سو مان سمجهان ٿو تہ هن دفعي بہ ائين ئي توهان کي مون تي رحم آيو هوندو. باقي اهوجاسوسيءَ وارو ڪم مون کان ڪو نہ ٿي سگهندو. مان باربر لڳ ضرور ويٺو آهيان پر توهان کي اها بہ خبر هوندي تہ هندستان ۽ پاڪستان جي سرحد سان سوين ميلن تائين آبادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو نہ آهي" مون ايترو چيو تہ فورا ڪلٽي ڪائي چيائين تہ "خير "اهو مسئلو اسانجو آهي پر اهو ٻڌاءِ تہ تون جاگيردارن جي خلاف آهين ۽ اسان بہ آهيون. وڏن وڏن وڏيرن ملڪ برباد ڪري ڇڏيو آهي، انهن مان ڪا بہ ڇگائي جي اميد ڪا نہ آهي پر تون فوجين کي زمين ملڻ جي خلاف ڇو آهين ۽ ڪميونسٽ پارٽي فوجين کي زمين ڏيڻ جي خلاف ڇو آهي". ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ملائي جواب ڏيڻ جو مطلب اهو هو تہ جيئن مون کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ثابت ڪري سگهن. مون چيو، "ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تہ مون کي خبر نہ آهي تہ ڇو ٿي خالفت ڪري. باقي مان سندِ هاري ڪاميٽيءَ جو آرگنائيزر آهيان، هاريءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ زمين ملڻ جي هر انهيءَ ماڻهو کي مخالفت ڪرڻ گهرجي. جيڪو محب وطن آهي ۽ هارين جو خير خواهہ آهي، ڇو تہ انهن اها زمين هارين جي حيثيت سان نہ ورتي آهي پر وڏيون رشوتون ڏئي يا وري هٿيارن جي خريداريءَ مان ڪميشن وٽي حاصل ڪئي آهي. اهي پاڻ وٽ زمين رکي، هٿيارن مان ملندڙ رقم، زمين مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ طور ظاهر ڪندا، زمين تي ٽيڪس بہ نہ آهي، تنهنڪري هو جلد ڪان جلد سرمائيدار ٿيڻ ٿا چاهين تنهنڪري سڀ محب وطن ماڻهو انهن جي مخالفت ڪندا، پوءِ ڪٽي اهي ڪهڙي بہ پارٽيءَ ۾ هجن، ڪو بہ جنرل جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بنگلو، ڪوٺي يا ڪارخانو لڳائيندو ته ان کان پڇا ڳاڇا جي ڪا بہ ضرورت محسوس نہ ڪئي ويندي. ڇو ته اهو سڃهيو ويندو ته ان اهو سڀ ڪجهہ زمين جي پيداوار مان حاصل ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر وڏي جنرل زمين حاصل ڪئي آهي، جنرل ايوب خان، جنرل موسيٰ خان " اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي نالا ڪٽي ٻڌايا مانس. اهو بہ چيو مانس ته " انهن پنهنجون ملڪيتون زمين جي آمدنيءَ مان نہ ٺاهيون آهن. پر هٿيارن جي ڪميشن مان ٺاهيون آهن. جنرل ضياءالحق بہ ڪافي زمين هٿ ڪئي آهي. سندس پاٽيجو ته اسانجي علائقي ۾ زمين رکي ٿو ان زمين جي ته ايتري آمدني بہ نہ آهي، جو زمين تي خرچ ٿيندڙ اخراجات پورا ٿي سگهن". ميجر صفا چپ ٿي ويو. ساٿس گڏ ويٽل همراهہ جو پڻ ڪو ئي وڏو آفيسر ٿي لڳو، تنهن مون کي اشارو ڪيو ته آءُ هليو وڃان، مون کي ان ڳالهہ تي حيرت ٿي ته اڄ مار ڪائڻ کان بغير ئي ڇڏيو ويو آهيان.

مار ملڻ سان تڪليفون ته گهٽيون ٿيندڙيون هيون پر هڪ فائدو ضرور ٿيندو هو سو اهو ته مار ملڻ جي ڪري ٿڪ ايترو ته ٿيندو هو، جو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڏينهن مزي جون ننڊون ڪندو هوس، جنهن ڏينهن ننڊ نہ ايندي هئي. اهو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو گذرندو هو. ڇو ته اڪيلائي تنگ ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي ۽ مختلف سوچون ذهن کي ورائي ويندیون هيون. کڏهن کڏهن ته خودکشي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هوس پر ان لاءِ به اهڙي ڪائي سهوليت ميسر نه هئي. جو ته نه ئي ڇت ۾ گاردر هو نه ئي اهڙي ڪا ٻي شيءَ هئي. شايد ان ڪري ئي هنن اهڙي ڪائي شيءَ نه رکي هئي ته متان کو قيدي تنگ ٿي خودکشي ڪري ڏي.

انٽروگيشن کان پوءِ به صورتون ٿيندیون هيون کو قيدي جڏهن سپ ڪجهه ٻڌائيندو هو ان کي سيل ۾ ڪٽ ۽ بسترو ملندو هو ۽ جڏهن کو قيدي ڪجهه به نه ٻڌائيندو هو ته ان جو دروازو کليو ڇڏي ڏيندا هئا. دروازو کليو ڇڏڻ جو مطلب اهو هوندو هو ته ٿوري دير ۾ ان کي وري ٽارچر ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. پهريون اصول ته مون کي گارد ڪمانڊر ئي ٻڌايو هو باقي ٻئي اصول کان آءُ پهرين ئي واقف هوس.

هڪ ڏينهن صبح جو ليٽرين ڏانهن وڃون پي ويا ته هڪ چاٽل سچاتل پير پاڳاري جو خليفو، فقير الياس مگريو ڏٺم. خبر نه پئي پوي ته هو ڪيئن آيو هو. پهرين ته هن کي فوجي ڪئمپ ۾ ڏسي حيرت ٿي. وري ذهن ۾ خيال آيو ته چوانس ته منهنجي مدد ڪر، مونکي چگي طرح سچاڻيندو هو، شايد مدد به ڪري ها پر چوڻ مناسب نه سمجهيم.

1971ع ۾ ميرپور ماٿيلي ۾ مون تقرير ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ چيو هوم ته جنگ جي نتيجي ۾ بنگال الگ ٿي ويندو.

جنهن تي فوجي کاوڙجي پيا هئا. مون کي پکڙي ايترو ماريو هئائون جو منهنجو منهن سُجي ويو هو. هڪ طرف مون کي مار ڏنائون پي، ٻئي طرف هندن کان سؤسؤ روپيه زوريءَ وصول ڪري رهيا هئا. مير پور ۾ هندن جا هڪ سؤ گهر هئا. جتان ڪين ڏهه هزار وصول ڪرڻا هئا. هي اها رات هئي جڏهن پاڪستاني فوج جيسلمير سيڪٽر ۾ اڳتي وڌي رهي هئي راشن ۽ اهڙين ٻين ضرورتن جي ڪري فوج سخت پريشا هئي. انڪري هتي ڪرنل وصوليءَ ۾ لڳل هو.

مان بيهوش ٿيو پيو هوس، اتي هڪڙو حر مجاهد، لعل فقير مهر، جيڪو حر فورس جو ڪمانڊر هو، اتي آيو هو پهرين نظر ۾ ته مون کي سچاڻي ٻه نه سگهيو هو. پوءِ جڏهن سچاتائين تڏهن ڪرنل کي چيائين " هي توهان ڪهڙو ظلم ڪيو آهي، هن کي ڇو ماريو اٿو" ڪرنل چيو هو " هي غدار آهي " لعل فقير چيو هوس جيڪڏهن هي غدار آهي ته گهٽا حر مجاهد ٻه غدار سمجهه، هي اهو ماڻهو آهي، جيڪو 1965ع جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو هو." ڪرنل چيو، " هي بنگال جي عليحدگيءَ جي ڳالهه ٿو ڪري" لعل فقير چيس ته " اهي سياسي ڳالهيون آهن. مانڊل شر ٻيو سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو جاگيردارن جي خلاف آهي باقي ملڪ جو غدار نه ٿو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي. توهان هن سان وڙهي وڏي غلطي ڪئي آهي. هي درگاهه شريف تي پڙهيو آهي ڳوٺ ۾ مون سان گڏ اٿس مان چگيءَ طرح سڃاڻانس. ڪرنل مونکي چيو تہ " تون وڃي سگهين ٿو." لعل فقير چيس " هن کي اتي ڇڏي اچو "جتان کٹي آيا آهيوس." پوءِ مون کي سامان سميت پنهنجي جاءِ تي ڇڏي ويا هئا.

ان وقت تہ هڪ حر مجاهد جي طفيل جان ڇٽي هئي پر هن وقت مسئلو ئي ٻيو هو. مون کي ضمير ۽ اجازت نہ پي ڏني تہ فقير الياس مگريي کي مان ان طرح ويچارو بنجي ايلاز ڪيان. جهڙي طرح منهنجو خوف ۾ ساهہ ويندو هجي لولاٽ ڪندي چوانس تہ ٻيلي منهنجي واهر ڪر، ان ڪانسواءِ ٿي سگهي ٿو تہ چوائڻ جي باوجود ۽ مون کي نہ ڇڏين اهو سوچي چپ چاپ ليٽرين کان واپس اچي سيل ۾ ويٺس ۽ در بند ڪري ڇڏيائون.

جولاءِ جي پچاڙي واري هفتي ۾ هڪ ڏينهن صوبيدار مون کي چيو تہ "ميرپور ماٽيلي مان ستار گرفتار ٿيو آهي. هو انڊيا جو ايجنٽ آهي چوي ٿو تہ تون ۽ ان سان گڏ ڪم ڪندو آهين. هاڻي تون ۽ سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ نہ تہ تنهنجو لاش پهاڙن ۾ اڇلائي ڇڏينداسي."

مون سوچيو هي ڪهڙو ستار ٿي سگهي ٿو. شاگرديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واربي زماني ۾ ستار نالي هڪ چوڪرو هوندو هو، پنجابي هو، ان کي ٿورو گهٽو سڃاڻندو هوس. هيو ته کو ستار منهنجي ذهن ۾ ئي کو نه هو. ان لاءِ چوڻ ته انديا جو ايجنٽ آهي. ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي. صوبيدار کي چيم "کو وڏو فوجي آفيسر ته انديا جو ايجنٽ ٿي سگهي ٿو. باقي ستار جي باري ۾ تصور به گناهه آهي. جيڪڏهن هن کي مار ملي هوندي ته ممڪن آهي هن انديا جي فوج جو ميجر يا ڪرنل ٻڌايو هجي ۽ مون کي پاڻ سان ملايو هجي پر حقيقت ۾ توهان جاهل آهيو." صوبيدار چيو ته " ياد رک! امر لال ۽ غلام حسين شر به جلد تنهنجي سامهون اچڻ وارا آهن، اهي تنهنجي خلاف جڏهن سڀ ڪجهه ٻڌائيندا ته پوءِ اسان کي تنهنجي مارڻ ۾ ڪا به اٽڪ نه ٿيندي". مون چيو " امر لال ۽ غلام حسين شر پلي ڪجهه به چون پر مان توهان کي اهو چوندس ته توهان مون کي پل ۾ پڪڑي آيا آهيو." پي ٽي ٽڦڙون هٽڻ ڪانپوءِ گارڊ کي چيائين "هن کي اوجاڳو ڪرايو." حڪم جي تعميل شروع ٿي وئي. اوجاڳو ڪرائڻ لاءِ لڪڻ جون گهٽتون پيا هٽن. جنهن وقت به ننڊ جو گهيرٽ اچي ته لڪڻ جي نوڪ سان چوڪ ڏئي سجاڳ پيا ڪن. هڪڙو ڏينهن گذريو ٻيو ڏينهن شروع ٿيو ڏاڍي ننڊ پي آئي مون سوچيو، هي ٽارچر جا سڀ طريقا آزمائيندا. جيستائين زنده آهيان، تيستائين سهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجبوري آهي، اهو طئ آهي ته بڏائڻو ڪجهه به ناهي.

گهنشام ديپڪ کي به لٽريچر سان پکڙيو ويو هو. گهنشا ديپڪ ڪشمور جو موڄند جو دوست هو. واپاري ماڻهو هو. سياست سان ان جو ڪو به واسطو نه هو پر سنگت جي ڪري ايجنسين جي ور چڙهي ويو. ڪيس ڇڏائڻ لاءِ مائٽن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ جهجها پئسا پريائون. مار کائڻ يا ٻارڻ ۾ رهڻ کان بچي ويو. آفيس ۾ رهندو هو پر اتي به اڪيلو رهي نه سگهندو هو. انڪري موڄند کي به هن سان گڏ رهايائون. گهنشام جي مائٽن جو زور هو ته گهنشام کي آزاد ڪرائجي پر FIU وارن چيو " جلدي ڪو نه ڇڏيندا سونس. باقي جيستائين هت رهندو، تڪليف ڪو نه ڏيندا سونس منجهنس شڪ شبها به ايترا مظبوط نه هئا. انڪري هونئن ئي ساڻس سختي گهٽ هئي. ٻيو ته ڪنهن سان گڏ رهڻ جو مطلب آهي ته اڪيلي رهڻ جي مقابلي ۾ عيش هوندو آهي. ڪچهريون ٿيندیون آهن. بحث مباحثه آٿت، دلجايون ۽ هڪ ٻئي جي سار سنڀال لهڻ مطلب ته اتي مزا هوندا آهن. گهنشام ديپڪ سهڻو چوڪرو هو. گارڊ چوندو هو ته " ميجر صاحب عشق به فرمائيندو آهي" گهنشام کي جيڪي سهوليتون مليل هيون، انهن سهوليتن ۾ هڪ سهوليت آهي ته هن تائين ڪتاب پهچي ويندا هئا. انهن ڪتابن ۾ گهٹي ياڳي ڪرشن چندر جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناول هوندا هئا.

22 جولاءِ تي شام جو ئي گارڊ ڪمانڊر جي ذريعي ڪرشن چندر جا ڪجهه ناول مون ڏانهن به موڪلي ڏنائين ۽ تاڪيد به ڪيائين ته مان اهي ڪتاب ميجر جي آفيس تائين تائين نه پڙهان. اها ساري رات مان ناول پڙهندو رهيس. جنهن وقت نند تمام گهٽو پئي ستائي ته اٿي ٻيو بيهان ۽ بيٺي بيٺي ناول جو مزو ٻيو وٺان. نند ڪرڻ تي بندش هئي ويهان ٻيو ته وڌيڪ نند جا گهيرٽ پيا اچن، انڪر اٿي ٻيو بيهان ۽ ڪوشش اها ٻيو ڪريان ته ذهن ناولن جي ڪهاڻيءَ ۾ محورهي. ٻيو ڪو به خيال ذهن ۾ نه اچي. هڪ ڏينهن وڏين مڇن واري پنجابي اعوان جي ڊيوٽي لڳي، جيڪو آهستي آهستي ٿهلي به رهيوهو ۽ منهنجي ڇوڪسي به ڪري رهيو هو، ته متان مون کي ڪو نند جو گهيرٽ اچي وڃي ۽ متان تازو ٿي وڃان ناول پڙهندي پڙهندي ٿي ٻيرا ڪري پيس ته پهريدار جيو "جنگهون ويڪريون ڪري بيهه" مون کي اڄ ڏاڍ لڳي ۽ ٻيرا پاڻي گهريم پر پاڻي نه ڏنائين، انڪار ڪري ڇڏيائين پاڻي هن نه ڏنو ۽ ايلاز مون به ڪو نه ڪيا مانس اڇيوئي رهيس. الائي ڪهڙي قانون تحت سيل ۾ پاڻي نه رکيو ويندو هو. جڏهن اڄ لڳندي هئي ۽ پاڻي گهرندو هوس ته ڊيوٽي وارو سپاهي جڳ ۾ پاڻي ڪٽي ايندو هو، پر هن سپاهي منهنجو پاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بہ بند ڪري ڇڏيو. پنجابي سپاهيءَ جي ڊيوٽي ختم ٿي تہ وري هڪ وڏي عمر واري پٺاڻ سپاهيءَ جي ڊيوٽي لڳي. مان ان ڪان پاڻي گهريم جنهن هڪدم جڳ پاڻي جو ڀري آڻي ڏنو. اڄ تمام گهڻي هئي انڪري دير ئي ڪا نہ ڪيم. سڄو جڳ پاڻي جو ڏوڪي ويس. پاڻي پي ڪجهہ تازو ٿيس ۽ پٺاڻ سپاهي کي، پنجابي سپاهيءَ جي، پاڻي نہ ڏيڻ واري ڳالهہ ٻڌايم. جنهن تي هو پنجابي سپاهي تي مڙجي پيو. چيائين "اهو جانور آهي، گڏهہ جو پٽ آهي، ڪافر آهي پاڻي بند ڪرڻ ڪا مسلماني آهي. وري جڏهن ننڊ اچڻ لڳي تہ هن پنجابي سپاهيءَ ڪان بہ وڌيڪ سختي ڪرڻ شروع ڪئي. مون سوچيو تہ پاڻي بند ڪرڻ ڪافرن ۽ گڏهہ جي پٽن جو ڪم هوندو آهي پر ننڊ ڦٽائڻ شايد انسانن جي پٽڻ جو ڪم آهي ۽ اهو مسلمانيءَ ۾ بہ شامل آهي.

ٽيون ڏينهن شروع ٿيو تہ اوجاڳي جي ڪري اکيون سڄي ڳاڙهيون ٿي ويون. مٿو چڪرائجي رهيو هو، ڪمزوريءَ ۾ بہ اضافو ٿي ويو ۽ ڪتاب بہ نہ پيو پڙهي سگهان. زور سان اکيون پٽي هڪ سٽ پڙهان تہ ٻي سٽ وسري وڃي. ان غنودگيءَ واري حالت ۾ اهو ڏينهن بہ گزري ويو. نيٺ شام جو هوش ڇڏائي ويو. صفا خيرو ٿي پيس. ڪجهہ بہ سجهہ نہ پيو اچي ڳالهائي بہ نہ پيو سگهان. ميجر آيو منهنجي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنائين ۽ پوءِ نند جي اجازت ملي تہ نند جي اچڻ جو گھٽو انتظار ئي نہ ڪرڻو پيو.

پيشاب هر هر ايندو هو، پيشاب لاءِ جيڪو ڏيو مليل هو، اهو ايترو پرجي ويندو هو، جو جيڪڏهن لاڳيتو ٻہ راتيون ٻاهر هارڻ نہ ڏين ها تہ ڏهي جي اٽلڻ ڪري ڪمري ۾ سيلاب جو خطرو هو پر شريف ماڻهن ائين ڪرڻ ڪان نہ روڪيو. روزانو جڏهن ليٽرين لاءِ ٻاهر ڪيندا هئا تہ ڏيو ٻہ ٻاهر ڪنيون ويندو هوس ۽ ٻاهر هاري وري واپس اچي ڪمري ۾ رکندو هوس.

پيشاب هونئن تہ جام ايندو هو پر جولاءِ جي وچ ڌاري پيشاب جي خرابيءَ سان گڏ پيٽ ٻہ خراب ٿي پيو. پيشاب رکجي وڃڻ ڪري پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو ۽ بيمار ٿي پيس. صبح کان شام تائين سارو ڏينهن تڙپيس. ڦٽڪندي ڦٽڪندي رڙيون ٻہ نڪري ويون هيون. پيٽ ۾ جهير ۽ نهائين ۾ ٽاندا محسوس ڪياهيم. پنهنجو سارو وجود تنور ۾ پچندڙ نان وانگر پي لڳو. پهريدار تبديل ٿيندا رهيا. هر پهريدار منهنجي تڙپڻ کي تماشو سمجهي، محفوظ ٿيندو، ڊيوٽي پوري ڪري واپس ٿي ويو تہ وري ٻيو ٿي آيو. در جي ٻاهران بي پرواهيءَ سان ٽهلندي ٽهلندي، وري در مان ان اميد سان مون ڏانهن ڏسن تہ هاڻي يا تہ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندو يا وري ايلاز ۽ لولاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندو. پر ڦٽڪڻ ۽ ڪنجهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ڏسي ۽ ٻڌي نه سگهيا.

شام جو پاڻهي نيٺ اسپتال ڪٽائي ويا. اسپتال ۾ ٻه نوجوان سنڌي ڊاڪٽر هئا. ٻڌايائون ته هو ٻئي دادوَ جا آهن. مون کي ته ٻئي قيدي پيا لڳن ڇو ته سندن بي وسي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهه به نه ڪري سگهڻ ۽ منهنجي حالت تي افسوس ڪرڻ. اهي سڀ ڪيفيتون مون کي ته اهو ئي ٻيو ٻڌائين. تڪليف سبب اندر مان اڌ مان ڪائي نڪرندڙ دانهن کي ڏندن جي ٻيڪوڙ ۾ دٻائي هضم ڪري پي ڇڏيم. ڊاڪٽرن فرضي طور چيڪ ڪيو ۽ دوا لکي واپس وڃڻ لاءِ چيو بيهوشيءَ جي حالت ۾ به هاڻي اهو پهه ڪيم ته واپس سيل ۾ پهچي خودڪشي ڪندس. باقي خودڪشيءَ جو طريقو کهڙو هوندو، سا ڳالهه ايان سمجهه ۾ نه پي آئي. سوچيم، اهو طريقو به ڳولي ڪڍبو. ايتري ۾ هڪ نوجوان ڊيڊي ڊاڪٽر، جيڪا شايد ڪرنل جي عهدي جي هئي، آئي مون کي اهڙي حالت ۾ ڏسي پڇيائين. " هن کي ڇا ٿيو آهي" ميجر کيس ٻڌايو ته "هي ڪميونسٽ آهي. حڪومت جي خلاف آهي، غدار آهي، پيٽ ۾ سور اٿس ۽ پيشاب به بند ٿي ويو اٿس، دوا وٺي واپس ٿا وڃون." چيائين هي ته مري ويندو هن کي داخل ڪريو. هن جو اسپتال ۾ علاج ٿيندو" انچارج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيو تہ اسان کي حڪم آهي تہ، صرف چيڪ ڪرائي دوا وٺي واپس وڃون" ليڊي ڊاڪٽر چڙ مان چيو FIU,FIU ڇا FIU جو مقصد صرف اهو آهي تہ هو انسانن جو ڪوس ڪندا رهن. مان هڪ ڊاڪٽر آهيان ڊاڪٽر جي حيثيت سان منهنجو اهو فرض آهي تہ هن کي اسپتال ۾ داخل ڪري، هن جو علاج ڪريان". چيائون ڊاڪٽر هي غدار آهي ڪميونسٽ آهي ۽ ملڪ جو دشمن آهي" ليڊي ڊاڪٽر چيو "جيڪڏهن غدار آهي ۽ ايترو ڏوهي آهي تہ پوءِ هيڏانهن ڇو وٺي آيا آهيوس. اتي ئي ماري ڇڏيوس ها: هتي آيو آهي تہ هتي هن جو علاج ٿيندو. مان هن کي وڃڻ نہ ڏيندس". ان ليڊي ڊاڪٽر جو نالو سلطانہ وقار هو ڏاڍي رحمدل ڊاڪٽر هئي عهدي ۾ ڪرنل جي برابر هئي، انڪري هن سان وڌيڪ بحث نہ ڪيائون ۽ مون کي اسپتال ۾ ڇڏي ويا. ان دفعي ئي منهنجو ڪجهہ چڱڙو علاج ٿيو.

27 جولاءِ تي ۾ واري سيل مان رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون مان صرف ايترو ٻڌي پي سگهيس تہ "مانڊل شر سان تنهنجو ڪهڙو تعلق آهي ٻڌاءِ ٻڌاءِ نہ تہ مار ملڻ ڪانپوءِ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندين تہ تنهنجو ڪهڙو تعلق آهي. پوءِ مانڊل شر تہ آزاد ٿي ويندو پر تنهنجو سرگم ڪري ڇڏينداسين" موٽ ۾ ڪين ڪهڙو جواب مليو، سو مون کي ٻڌڻ ۾ نہ آيو ڪو ئي جواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنائين يا خاموش رهيو. جيڪڏهن کو جواب ڏنائين تہ کهڙو ڏنائين سان خبر پئجي نہ سگهي. صبح تي خبر پئي تہ اهو ستار هو، جنهن تي رات جو موچڑي کاري ٽي هئي وري ٽين يا چوٽين آگسٽ تي خبر پئي تہ ستار کي بجليءَ جا شاڪ ڏنا ويا آهن. جنهن کري هن جي زبان زخمي ٽي پئي آهي، انکري ماني بہ نٿو کائي سگهي ۽ کيس رب پياري ويندي آهي. گارڊ ٻڌايو تہ ستار وڏو بدمعاش نڪتو آهي. اصل سڪ آهي فوج ۾ آفيسر هو. هن کي پئراشوٽ جي ذريعي لاٿو ويو آهي، ٻئي ڏينهن تي وري سويرَ ئي مون کي ميجر گهرايو ۽ ساڳي ڳالهہ کري ٻڌايائين. چيائين ستار سڪ آهي هن پاڻ ٻڌايو آهي، چٽيءَ جي ذريعي لٿو آهي. تو کيڏو وڏو کوڙ ڳالهايو هو هاڻي اسان کي پڪ ٽي وئي آهي تہ تون کوڙو آهين، هاڻي اسان تنهنجي کنهن بہ ڳالهہ تي اعتبار نہ کنداسين. ان سان گڏ تو کي آخري وارننگ ٿا ڏيون تہ سڀ کجهہ سچ سچ ٻڌاءِ نہ تہ هاڻي تنهنجو حشر بہ تمام خراب ٿيندو. مون چيو "منهنجو حشر تہ هونئين ئي خراب کري ڇڏي اٿو. ايجان. باقي کهڙي فضيلت رهيل آهي. منهنجي حشر ۾ جا بہ پوري کرڻ ٿا چاهيون. پر مون کي افسوس اهو آهي تہ هڪ غريب ماڻهوءَ ۽ پڪي مسلمان کي توهان سڪ بنائي ڇڏيو آهي. هن کي توهان کيترو ماريو هوندو، اهو بہ مان ڄاڻان ٿو. مان هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي ننڍي هوندي کان ئي سجاڻان اسکول ۾ گڏ پڙهيا آهيون. ننڍي هوندي هو هڪ خوبصورت ڇوڪرو هو انڪري ٻين ۾ نمايان هوندو هو. هتي وري توهان هن کي سڪ بنائي ڇڏيو آهي. توهان ڏاڍ جي زور تي هن کي يهودي بہ بنائي سگهو ٿا. ستار ويچارو ڪير ٿيندو آهي جو توهان جي ٽارچرن اڳيان سڪ بنجي نہ سگهندو. توهان تہ سڀ ڪنهن کان پڇڻ وارا آهيو پر توهان کان پڇڻ وارو ڪير آهي، پر مان ايترو ضرور پڇندس تہ مون کي ڪهڙي تحقيق جي بنياد تي وٺي آيا آهيو. منهنجي باري ۾ توهان کي جيڪي رپورٽون مليو آهن. سڀ ڪوڙيون آهن. منهنجي ان مني تقرير کانپوءِ ميجر مون کي ويهاري ڪجهہ بسڪوٽ بہ ڏنا ۽ سٹي چانهہ جو ڪوپ بہ پيئڻ لاءِ ڏنائين.

ہن ڏينهن کانپوءِ وري ميجر مون وٽ آيو. مون کي ٻاهر ڪڍي جيپ ۾ ويهاريائين. ڪٹي وڃي هڪ ماڻهوءَ جي اڳيان بيهاريائين ان ماڻهوءَ جي ڏاڙهي وڏيل هئي. هٹ ۾ تصبيح هيس. ميجر ان ماڻهوءَ کي مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو، هن کي سجاڻين ٿو. جنهن تي ان مولانا انڪار ڪيو، ان وقت تہ خبر نہ پئجي سگهي تہ اهو مولانا ڪير هو پر بعد ۾ ميجر پاڻ ئي ٻڌايو تہ "هو هندو هو، جيوڻ نالو هيس هاڻي مسلمان ٿيو آهي ۽ اسان لاءِ ٿو ڪم ڪري"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيوڻ هندستان جو هو. مسلمان بنجي آخرت جي عاقبت لاءِ پاڪستاني فوج جو ساٿ ڏئي، پنهنجي ملڪ جي خلاف ڪم ڪرڻ لڳو هو. مون کي ان ڪري هن جي اڳيان پيش ڪيو هئائون تہ جيئن تہ هو هندستان جو هو ۽ آءٌ جيڪڏهن هندستان ويو هوندس تہ هن مون کي ضرور ڏٽو هوندو ۽ مون کي سچاڻي وٽندو پر هن مون کي سچاڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اٽين يا نائين آگسٽ جي ڏينهن منهنجي سيل جو دروازو کوليائون. باهر ڪڍيائون تہ ڏٺم تہ ڪامريڊ نظير عباسي نلکي جي پر ۾ ويٺو ڪجهہ ڏوئي رهيو هو. مون کي ليٽرين ڏانهن وٺي پي ويا. جنهنکري ڪامريڊ نظير جي پرسان گذريس پهريدارن ڪامريڊ نظير کي چيو " مانڊل شر سان نہ ڳالهائجانءِ". ڪامريڊ کين جواب ڏنو" مانڊل شر سان کهڙي منهنجي دوستي آهي جو مان هتان وڃي ان لاءِ کورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪندس". مان سمجهي ويس تہ ڪامريڊ نظير کي هاڻي آزاد ڪرڻ وارا آهن ۽ هو مون کي ٻڌائي رهيو هو تہ هتان وڃي تنهنجي لاءِ کورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪندس. ان کان وڌيڪ مون کي ان ڳالهہ جي دلجاءِ ٿي تہ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ باهر ڪامريڊن، دوستن يا مائٽن کي تہ خبر پوندي تہ مان ڪٿي آهيان. نہ تہ هتن تہ مون کي مئل سمجهي وساري ڇڏيو هوندو. مون کي واپس آڻي واڙي تہ ڇڏيائون پر سيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو در کليو رهيو. کجهه دير کان پوءِ ڏٺم تہ کامريڊ نظير کي ٻاهر وٺي وڃي رهيا آهن. گڏوگڏ کيس اهو ٻہ چوندا پيا وڃن تہ "هن دفعي تہ اسان تو کي پوليس کان وٺي آيا آهيون تڏهن تو کي زنده واپس ڪري رهيا آهيون. پر ياد رک ٻئي ڀيري تون اسان وٽان زنده واپس نہ ويندي. هاڻي اسان تو کي هر طرح سان سڃاڻي چڪا آهيون. تون ڪهڙي ٻہ روپ ۾ هوندين، اسان کان لڪي نہ سگهندين. اسان وٽ تنهنجن سڀني روپن واريون تصويرون آهن" جڏهن انٽروگيشن ٽيندي هئي تہ ويهہ ٽيهہ انٽيليجنس وارا پردي جي پويان لڪي ويندا هئا. جيڪي مختلف علائقن مان گهرايا ويندا هئا. اتان فوٽو ٻہ ڪڍي وٺندا هئا اهڙي قسم جا اندازا ٻہ ٽيندا هئا تہ اسان جا هن وقت چوريءَ فوٽو ڪڍي رهيا آهن. جيل ۾ ڏاڙهيون ٻہ وڌي ويندیون هيون انکري انهن وٽ تقريبا سڀني روپن وارا پوز هوندا هئا.

کامريڊ نظير جي نکري وڃڻ کانپوءِ منهنجو سيل تبديل ڪيائون. نئين سيل ۾ صبح جو خبرون ٻڌڻ ۾ ايندیون هيون فوجين جي رهائش اتان ويجهي هوندي هئي هو روزانو صبح جو پابنديءَ سان خبرون ٻڌاندا هئا. مان کين چوندو هيم تہ" مون کي اخبار آڻي ڏيو يا مار ڏيو نہ تہ مان ماني کو نہ کائيندس" مار منهنجي لاءِ فائيديمند هوندي هئي ڇو تہ ڏڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳندا هئا. تنگ ڪندا هئا. ٽڪ ٽيندو هو انڪري ننڍ مزي جي اچي ويندي هئي يا وري پڙهڻ لاءِ ڪائي شيءَ هجي جيئن سڀو وقت گذري سگهي. چيائون، تو کي ڪجهه ڪو نه چونداسين بلڪه هاڻي تون آزاد ٽيڻ وارو آهين لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ تنهنجي لاءِ پٽيشن به داخل ڪئي وئي آهي" مان سمجهي ويس ته ڪامريڊ نظير پنهنجو واعدو نباهيو هاڻي مان ڪجهه ماني به ڪائڻ لڳس جو ته ڪجهه آزاد ٽيڻ جو آسرو به ٽيو ۽ پيو سبب اهو به هو ته نئين سيل جي ڇت ۾ اڳئين سيل وانگر ڪوئي سوراخ نه هو. انڪري هڪ مانيءَ جو اڌ ڪائيندو هوس ۽ اڌ کي سنهڙا سنهڙا ذرڙا ڪري اڇلائي ڇڏيندو هوس، جيڪي ڪوليون ۽ ماکوڙا ڪائي ويندا هئا. ماني ڪائڻ جي ڪري ڪجهه رت پيدا ٽيڻ لڳو. هڪ ڏينهن ميجر آيو چيائين " هاڻي تنهنجو منهن ٻهڪي ٽو"" مون سمجهيو هي انڪري ٽو چئي جو جو هاڻي هي مون کي آزاد ڪرڻ وارا آهن. چاهين ٿا ته ڪجهه ماڻهي ۾ ٽئي ته پوءِ ڪيونس هن مهڙي حالت ۾ باهر ويس ته سندن بدنامي ٽيندي.

ميجر تبديل ٿي ويو.ان جي جاءِ تي هڪ ٻيو سخت طبعيت پٺاڻ ميجر آيو ان مونکي چيو" هاڻي آمريڪا کان ٽارچر ڪرڻ وارا اوزار آندا اٿئون، هاڻي تنهنجون خبرون پوندیون" مون چيو مان " ڇا ڪندا توهان جا اوزار آمريڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا اوزار ته اسان تي سدائين آزمائندا رهندا آهيو پلي اهي به آزمائي ڏسو" ان وقت مون کي اندازو ٿيو ته هي مون کي پالڻ کو نه ٿا چاهين پر ايترو تندرست کرڻ ٿا چاهين ته جيئن وڌيڪ تارچر سهي سگهان. اهو به سمجهيم ته هن دفعي شايد کي خطرناڪ تارچر ٿيڻ وارا آهن. گرفتار ٿيڻ کان اڳ مان اين ڊي پي ۾ به رهي چڪو هوس. انڪري بيگم نسيم ولي خان سان ملاقات ٿي چڪي هئي، وري سکر ۾ اصغر خان وارن جو جسلو ٿيو هو. مان به ويو هوس مان ان وقت اندرگرائونڊ هوس. اصغر خان مون کي ڏسي ورتو ته ڳالهائڻ لاءِ اسٽيج تان سڏ ڪيائين. منهنجي نالي جوصحيح تلفظ نه پيو اچيس. انڪري نالي سان ٽاهوڪي حالت ڪيائين. چيائين "ماندل..... ماندول شرڪو بلاتاهون".

نئين آيل پٽاڻ ميجر کي اهو حوالو ڏنم ته مان اين ڊي پي ۾ آهيان اهو سوچي ته پٽاڻ آهي ولي خان جي ڪري نرمي ڪندو پر ولي خان جو نالو ٻڌي ايترو ته چڙي پيو جو به گاريون مون کي پيو ڏئي ته ڏهه گاريون ولي خان کي، ولي خان جو سخت مخالف هو چو ته هو ولي خان کي پاڪستان جو غدار پيو سمجهي.

اسپتال ۾ ڊاڪٽر وٽ وٺي ويا. ڊاڪٽر هنن سان چڙي پيو. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي ته مان خوش ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيان پوءِ هي اسپتال ۾ چو وٺي آيا آهن. شايد هاڻي چڪو پلو ڪري پوءِ آزاد ڪرڻ ٿا چاهين. ڊاڪٽر فوجي هو ۽ اتي وٺي اچڻ وارا FIU جا هئا. مان ان کي پهرين FIA سمجهندو هوس بعد ۾ خبر پئي ته اها Fedral Investigation Unit نالي هڪ ايجنسي آهي. FIU وارن کان فوجي به ڊڄندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن FIU وارا فوجين کي به وٺي مار ڏيندا هئا. فوجين کي اهو به خطرو هوندو هو ته متان جاسوس ڪري نه پڪڑين.

ڊاڪٽر هنن کي پهرين لکي ڏيڻ کان انڪار پيو ڪري پر پوءِ ڊاڪٽر کي مجبور ڪيائون ۽ ڊاڪٽر هنن کي لکي ڏنو ته هي اليڪٽرڪ شاڪ سهڻ جهڙو آهي. مونکي واپس وٺي آيا. اچڻ سان ايئر فون جهڙو اوزار منهنجي لوندڙين تي چاڙهي سليڪٽيڊ وولٽيج سان شاڪ ڏيڻ لاءِ بٽڻ دٻايائون بجليءَ جي شاڪ لڳڻ سان سڄي جان ۾ فرڪٽي پئجي وئي. عضوا پٽجڻ لڳا. جڏ زمين تي نه هوس پر مٿي هوا ۾ ڦيريون کائي رهيو هوس. بٽڻ دٻائي ان وقت سوال پيا ڪن ته "ڪميونسٽ پارٽيءَ سان تنهنجو ڪهڙو واسطو آهي جام ساقيءَ سان تهنجو ڪهڙو واسطو آهي انديا ويو آهين يا نه. ويو آهين ته ڪهڙي ڪم سان ويو آهين"؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي ئي ساڳيا سوال، جيڪي هميشه ڪندا رهندا هئا.
اڳ ۾ ستار کي بجلي جي شاڪن سان ٽارجر ڪيو هئائون ته
هن جي زبان زخمي ٿي پئي هئي. مون سوچيو ته بجلي جي
شاڪ وقت ڳالهائڻ سان شايد زبان زخمي ٿي پوندي آهي
انڪري جنهن وقت شاڪ پيا ڏين ان وقت مان ڏندن کي زور
سان ڀيڪوڙي پيو ڇڏيان. جڏهن ٻٽڻ آف پيا ڪن، ان وقت
پيو چوان" توهان ڀليل آهيو "مون کي غطيءَ سان پڪڙي آيا
آهيو، ڏهه منٽ ڪن لاڳيتو بجليءَ جا شاڪ ڏيندا رهيا آخر مان
بيهوش ٿي ويس. ان کان پوءِ خبر ناهي ته شاڪ ڏيندا رهيا يا
ڇڏي ڏنائون. هوش آيو ته ساهه ئي ڪونه هو. بلڪل بي سُدُ
ٿيو پيو هوس، شايد رت جو دورو سست ٿي ويو هو. ورانديءَ
۾ ڪٽي ويا. چيائون "اٺ" اڃان پيو ته ڪري پيو پوان. ٻيو
ڪپن ئي نه پيا. وري لتون ۽ مڪون هٽڻ شروع ڪيائون، ٻه ڇڻا
هڪ پاسي کان ٻيڻا ۽ ٻه ڇڻا ٻئي پاسي کان ڏڪ ٻه هڻي رهيا
هئا ۽ "اٺ، اٺ "جا آواز ٻه ڏئي رهيا هئا. لتن جي چگي سلامي
ڏنائون ته مون سوچيو ته متان سمجهن ته پاڙي ٿي ٻيو آهي.
اهو سوچيم ته جوش ۽ ڏکندڙ جنگهن اٿي بيٺس. وري
چيائون "ڇڄ". هلڻ شروع ڪيم ته پٽيان لانگ بوٽن سان لتن
جووسڪارو لائي ڏنائون. چيائون "تيز ڇڄ"ائين پندرنهن ويهه
منٽ ورانديءَ ۾ ڇڃائي پوءِ ڇڏيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪڙي صبح جو ڪتابن جي ڳوڙ پري اچي مون وٽ رکيائون جن مان گهٽا جماعت اسلامي جا" زندگي" نالي سان رسالا هئا. اهي پڙهڻ لاءِ ڏنائون مون اهي رسالا پڙهڻ شروع ڪيا . جن ۾ گهڻي ياڳي جماعت اسلاميءَ وارن جي رپوٽنگ ٻيل مئي ته فلاڻي هنڌ فلاڻا ليڪچرار ڪميونسٽ آهن. فلاڻي هنڌ فلاڻا آفيسر ڪميونسٽ آهن وغيره سڀني جي پٽيان باهم ياريل هئي . اهي مون کي انڪري پڙهايائون ته جيئن مان سمجهان ته هن کي سمورن ڪميونسٽن جي خبر پئجي وئي آهي ۽ ڏجي وڃان پر انهن جي پڙهڻ سان منهنجو ته ويتر حوصلو وڌي ويو ته هيترا سارا ڪميونسٽ مون سان گڏ آهن مان اڪيلو ناهيان.

ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ميجر مون وٽ آيو چيائين " هاڻي تو کي هڪ اهڙي انجيڪشن هٽنداسين جو تنهنجو لاش به گالهائيندو ۽ تون سڀ ڪجهه ٻڌائيندين، ستار کي به انجيڪشن ڪئي اٽئون ان به سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي". مون چيو ته اهڙي گالهه آهي ته ڀوءِ توهان مون کي پهرين ئي اها انجيڪشن جو نه پيا هٽو ته مان پاڻ ئي توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌايان ها. هي هيترا عذاب ڇو ڏنا اٿو" چيائين " نه ٻڌائيندين ته اڃا وڌيڪ عذاب ايندئي اسان چاهيو پي ته تون پاڻ ئي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ پر هاڻي سئي کان مدد ٿا وٺون هاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندين ڏسون ڪئين نہ ٿو ٻڌائين"

مون سوچيو تہ انجيڪشن لڳڻ ڪانپوءِ واقعي جيڪڏهن ماڻهو بي خود ٿي وڃي ٿو ۽ وڏي ٿو تہ پوءِ ڇو نہ ڪي اهڙا جملا رڙي ڇڏجن جيڪي انجيڪشن لڳڻ ڪانپوءِ ٻڌائجن. ٻيو ڪجهہ نہ ٻڌائجي اهي جملا اهي ئي ٿي سگهن ٿا جيڪي انجيڪشن لڳڻ ڪان اڳ ۾ ماڻهو ڳالهائيندو، سي ئي ور جائيندو رهندو.

هڪڙو همراهہ آيو اچي چوڻ لڳو" مان آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي آيو آهيان دماغ جو اسپيشلسٽ آهيان مون کي چڱي طرح خبر آهي تہ انجيڪشن لڳڻ ڪان پوءِ ٿون مري ويندين يا جيڪڏهن بچي وئين تڏهن بہ چريو ٿي ويندين تو هيترو سڀ آهي ان جو تنهنجن دوستن کي ڪو احساس آهي هو تو کي وساري ڇڏيندا تنهنجو گهر رلي ويندو، اولاد مري ويندئي مون چيو مان "ائين تہ ڪيترائي ماڻهو دنيا ۾ مرن ٿا پيا. مان مري ويس يا منهنجي اولاد مري وڃي تہ ڪهڙو فرق ٿو پوي. باقي جيڪڏهن منهنجا دوست مون کي وساري ڇڏيندا تہ ان جو مون تي ڪهڙو اثر پوندو جو تہ چرئي ٽيڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ کي ان ڳالهہ جي ڪهڙي پرواهہ تہ دوست ياد ٿا ڪن يا نہ ٿا ڪن. باقي توهان ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان مون کي مارڻ يا چريو ڪرڻ ٿا چاهيو ۽ جيڪڏهن انجيڪشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري صحيح وٺڻ ٿا چاهيو ته اها زوريءَ مار ڏئي به وٺي سگهو ٿا."

بهرحال انجيڪشن ڪٽي آيا منهنجو به اهو ئي اندازو هو ته انجيڪشن ضرور هٽندا. مون ڪوشش ڪئي هڪ جملو رٽڻ جي. منهنجا سعور تون زنده رهجانءِ منهنجا لاشعور تون مري وڃانءِ ته جيئن انجيڪشن لڳڻ کان پوءِ به اهو ئي جملو ورجائيندو رهان پر عين ان وقت جنهن وقت انجيڪشن هٽڻ جون تياريون پيا ڪن سامهون پٽ تي ڏٺم هڪ عربي جملو لکيل هو. "لا اِلٰه الاهُوَ انت سبحانک اِني کنت مِنَ الظالمين" اهو جو پڙهيم ته اهو ئي ياد ٻيهجي ويو. پچيائون نشو پيئندو آهين. اهو ان ڪري پچيائون ته جيڪڏهن نشو پيئندڙ هوندس ته هڪ انجيڪشن اثر نه ڪندي. مون وري سوچيو ته ها چوان ته جيئن ٻه انجيڪشنون هٽن ته بيهوش ٿي وڃان ۽ بيهوشيءَ ۾ ڪائي خبر نه پوندي ته ڪيتري تڪليف ٿي جيم "وڏو موالي آهيان چرس پيئندو آهيان" (جڏهن ته سگريٽ به نه پيئندو آهيان) اهو ٻڌي لاڳيتيون ٻه انجيڪشنون هنيائون. بس ايترو ياد آهي ته انجيڪشنون هنيائون پوءِ جي ڪا به خبر نه آهي ته چا ٿيو يا چا ڪيائون، جڏهن هوش آيو ته گارڊ کي مٿان بيٺل ڏٺم مون کي ڪجهه هوش ۾ ڏسي چيائين "واهه جوان! هاڻي هي تنهنجو ڪجهه به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بگاڙي نہ ٿا سگھن" پڇيو مانس "ڇو؟" چيائين، جنھن وقت تو کان ڪجھ پڇن پيا، ان وقت تون قرآن پيو پڙھين هي ڪيئن ٿا چون تہ تون ڪافر آھين" پوءِ مون کي ياد آيو تہ ضرور اھو پٽ وارو عربي جملو پڙھندو ھوندس، جيڪو انجيڪشن لڳڻ کان اڳ پٽ تي پڙھيو ھيم.

انجيڪشن ھٽڻ کانپوءِ ايترا تارچر ڪرڻ کانپوءِ بہ شايد اڃان ڪاڪسر رھجي وئي ھين. ڇا ڪيائون جو ھڪ سئي ڪٽي آيا جيڪا منھنجي نرڙ ۾ پروئن جي وچ ۾ ڪنھن رڳ ۾ ھٽڻ شروع ڪيائون، پندرنھن ويھ دفعا سئي ھنياٿون تہ نرڙ ۾ ڦٽ ٿي پيو. ان سان گڏ اھو اثر بہ ٿيو تہ منھنجون اکيون مٽي ڪڇي ويون جيڪي نہ تہ ٻوٽجن پيون ۽ نہ ئي ھيٺ پيون ٿين. ھڪ تہ تازي انجيڪشن لڳل ھئي مٿان وري سئيءِ سان نرڙ تي ٽڪا ھٽي، اکيون کولي ڇڏيائون. انڪري منھنجي جان تي ٻٽو ريئيڪشن ٿيو ھڪ تہ جسم ۾ بيقراري ٻيو اکيون بند نہ پيون ٿين. جنھن ڪري نند مورڳوئي نہ پئي اچي ان بيقراريءَ واري صورتحال جي ڪري ھڪڙو دفعو تہ ڊس چارج بہ ٿي ويس. پٽاڻ ميجر بدلي ٿي ويو. وري ھڪ سرائڪي ميجر آيو. پٽاڻ ميجر لاھور ھليو ويو ھو. سرائڪي واري ميجر، پٽاڻ ميجر کي ڏاڍا ٽيليفون ڪيا تہ "ھن کي نند نہ ٿي اچي ھن کي انجيڪشن ڪري ھليو ويو آھين ھاڻي ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمهاريون ڪيئن" منهنجو سيل ان جي آفيس کي ويجهو هو. انڪري ان جو آواز چٽو ٻڌڻ ۾ پي آيو. واقعي ٽيلي فون پي ڪيائين يا ائين به ٿي سگهيو پي ته صرف مون کي ٻڌائڻ لاءِ اهڙا آواز ڪيندو هجي، ان کان پوءِ هڪ ٻيو قيدي به مون سان گڏ واڙيائون جنهن کي منهنجي نگراني سونپيائون ته متان مان پٽ سان مٽو هٽي، خودڪشي ڪري ڇڏيان. زور زور ڪري نند جي ڪوشش پيو ڪريان پر نند اڃي ڪيئن اکيون بند ٿين ٿي نه پيون. ڇا ڪيم جو نرڙ تي ڦٽ جي مٽان هٿ رکي اونڌو ٿي سمهي پيس. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن هٿ جي تريءَ جي گرمي نرڙ جي رڳن کي لڳي تڏهن اکيون ڪجهه هيٺ لٿيون ۽ ٻوٽجڻ لڳيون ۽ نند اڃي وئي. ان کانپوءِ چوٿين يا پنجين تي يعني ڪامريڊ نظير عباسيءَ جي وڃڻ کانپوءِ ويهين ڏينهن تي مون کي ٻاهر ڪڍيائون. آخري ڇڻ يا پنجن ڏينهن ۾ ڪو به ٽارچر نه ڪيائون ميجر ته وڌيڪ ڪجهه ڳالهايو ٿي ڪو نه. نوي ڏينهن ضيائي مارشل لاجا عتاب سهي ڪلي ڪئمپ ڪوئيٽا کان ٻاهر نڪتس. ٻاهر ڪڍي به سپاهي ساڻ ڏنائون هٿ ڪڙيون به ڪو نه هنيائون. سڌو ڪوئيٽا اسٽيشن تي وٺي آيا. نوي ڏينهن کانپوءِ ٽارچر سيل واري ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر نڪتس تنهنڪري ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هوس، ڏاڙهي به وڌيل هئي پير ايترا سن ٿيل هئا جو زمين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکان پيو تہ زمين پيرن کي لڳي ئي کو نہ پئي. ڇڻ زمين هجي ئي کو نہ، زمين تي پير رکان پيو تہ ڏک وري مٿي ۽ پيو لڳي. منهنجي کيسي ۾ ٻہ ٽي روپيا هئا استيشن جي هڪ کينٽين تي وڃي چانهن پيتم. جنهن کان سپاهين کو نہ روکيو. مون سمجهيو تہ هي مون کي کنهن ٻئي جيل ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن يا وري مارڻ لاءِ وٺي وڃي رهيا آهن يا وري پري ڪٽي وٺي ويندا ۽ گولي هڻي ماري ڇڏيندا نہ تہ هي سپاهي ڇا لاءِ گڏي ڏنا اٿن. منهنجو پيڇو ڇو نہ ٿا ڇڏين. جيڪڏهن آزاد ڪن ها تہ استيشن تي اچي ڇڏي ڏين ها. هڪ سپاهي وڃي ٽي ٽڪيٽون وٺي آيو روهڙي جون. جن مان هڪ ٽرڊ ڪلاس جي هئي ۽ ٻہ فرسٽ ڪلاس جون. ٽرڊ ڪلاس واري ٽڪيٽ مون کي ڏنائون جا مون کيسي ۾ وجهي ڇڏي اسان کي اڃان ٻيءَ گاڏي ۾ چڙهڻو هئو پر ان وقت پليٽ فارم تي بولان ميل بيٺي هئي. جيڪا شڪارپور، لاڙڪاڻي کان ٽيندي ڪراچيءَ ويندي آهي. جيئن ئي بولان ميل هلڻ لڳي تہ مون سوچيو چڙهه ان ۾ پوءِ ڏٺو ويندو. هلندي گاڏي ۾ ٽپ ڏئي چڙهي ويٺس. شڪارپور تائين خطرو هو تہ متان کنهن استيشن تي ڪائي مصيبت نہ اچي وڃي ۽ سپاهي پهچي نہ وڃن. ڏاڍو ڏکهو سفر هو. جيڪو ڏهندي ڏهندي ڪاٽيم شڪارپور کان پوءِ گاڏي لاڙڪاڻي وڃي هئي. انڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪارپور ۾ لهي، سڪر لاءِ بس پڪڙيم. اتان ميرپور آيس رمضان جو مهينو هو. عيد ويجهي هئي، شام جو ٽائيم هو. ميرپور جو هڪ وڪيل هو جاويد ان کان ڪجهه پئسا وجي گهريم ته جيئن عيد لاءِ ڪجهه سودو ونيون وڃان. هن دوڪاندار لاءِ چئي لکي ڏني، چئي ۾ ڪا به حد، ڪا به لمٽ مقرر ٽيل ڪا نه هئي. چيائين "جيترو به سودو گهر جئي، وجي وٽ". سودو وٺي ميرپور کان گهر وجي پهتس. گهر وارن مون کي مئل سمجهي ڇڏيو هو انڪري پهرين ته سڀاتائون ئي ڪو نه وار وڏا ٽي ويا هئا. ڏاڙهي وڏيل هئي، حليوئي بگڙيل هو پر جڏهن سڀاتائون ته ڏاڍا خوش ٽيا.

منهنجو سياسي ڪم ختم نه ٽيو هو. مون پنهنجو ڪم جاري رکيو ايف آءِ اي وارا وري منهنجي پويان هوندا هئا. جيڏانهن به ويندو هوس ته پيڇو ئي نه ڇڏيندا هئا هڪڙو ته منهنجي ڳوٺ به آيو چيائون، "تون ڪوئيٽا استيشن تان پڇي آئين ته وري رابطو ئي نه ڪيئي، مون سان ضرور ملجانءِ" مون چيو "توهان سان ملان ها ته توهان جي قرب جي به خبر هئي ته ڪيترو قرب ڏيندا آهيو ۽ ڪيئن آڏر پاءُ ڪندا آهيو"

جنهن ماڻهو منهنجي گرفتاريءَ لاءِ خبر ڪئي هئي، ايف آءِ اي وارا ان ماڻهوءَ کي منهنجي ڳوٺ به وٺي آيا. اهو ماڻهو ڏهرڪيءَ جو پنجابي هو. هو جيئن واپس موٽي ويا [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينهن تي ان ڏهرڪيءَ واري پنجابي ڏانهن ماڻهو موڪليم، ماڻهن وڃي چيس " ڪامريڊ مانڊل شر تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو تون ان جي مخبري ڪندو ٿو رهين. پر ياد رک ڪامريڊ کي ڪجهه به ٿيو ته اسان تو کي زندهه کو نه ڇڏينداسين، ان تي هو ڊڄي ويو ان کان پوءِ هن ڪهڙيون رپورٽون موڪليون سا خبر نه آهي.

مون وري سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪم سنڀاليو، ڪجهه گروپ مان سنڀالينڊو هوس، جيڪي پارٽيءَ جا بنيادي ميمبر ٿيندا هئا، انهن کي پهرين گروپن ۾ ويهاريو ويندو هو. انهن ادارن ۾ ميمبرن جي تربيت ٿيندي هئي، ان کان پوءِ ماڻهو سيل ۾ ويهندا هئا. مان سيل ۾ ويهندو هوس اسان جو سيل وري ڪامريڊ نظير عباسي سنڀالينڊو هو. اهو اسان واري سيل جو به انچارج هو. سکر ۾ ريلوي جو هڪ ڪوارٽر هوندو هو ان ۾ اسان جون ميٽينگون ٿيندیون هيون. ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي صوبائي ميٽنگ به مون وٽ ٿي هئي.

ڪامريڊ نظير ۾ دفعا ڳوٺ آيو هو. ان وقت اسان جي علائقي ۾ هرٽن جو شڪار ٿيندو هو. شڪار لاءِ نڪري وياسين هڪ هرڻ جو شڪار ٿيو پر ان هرڻ سان هڪ ننڍڙو ٻچڙو مري رهيو هو جنهن کي کڻڻ کانسواءِ ٻيو ڪو به چارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ھو جڏھن اھو ڪنيل ھرڙ جو ڇڙو ڪامريد نظير ڏنو تہ ان کي ڪٽي پنھنجي جھوليءَ ۾ ڪنيائين ۽ چيائين "ھن کي ڇو ماريو اٿو" شڪارين جواب ڏنو "ھرڙ سان گڏ ھي ڇڙو بہ ساڻ ھو. ھرڙ کي بندوق ھٽڻ سان، اتفاق سان ھن کي بہ لڳي وئي ڇڙو مري پيو جنھن ڪري ھن کي ڪھڻ ڪا نہ سواءِ ھيو ڪو چارو ئي ڪو نہ ھو" ڪامريد نظير ان ڪنل ھرڙ جي ڇڙي کي ھٿ ڳھمائيندي ڳھمائيندي روئي ڏنو. جڏھن رات ٿي سيئي شڪار ٿيل ھرڻ جو ڇوڙ ڪائي رھيا ھئا پر ڪامريد نظير ماني نہ کاڌي ۽ بکئي پيٽ سمھي پيو.

1983ع ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ شروع ٿي پھرئين ئي ڏينھن يعني 14 آگسٽ تي سکر ۾ جلوس نڪتو. ماڻ ڳوٺان اڪيلو ان جلوس ۾ ويس ڀين ڪجھ ماڻھن بہ تقريرون ڪيون ۽ مون بہ تقرير ڪئي. خبر ان وقت پئي جڏھن پوليس اچي پھتي ۽ ڏنڊن جا وسڪارا ٿي ويا. ماڻ ڪري پيس منھنجي مٿان ھڪ ڀيو ڪريو. ان جي مٿان ھڪ ٻلو ڪريو. ٻلو جيئن تہ مٿان ٿي پيو ان ڪري پوليس جي ڏنڊن جي زد ۾ بہ اھو اچي ويو. مون کي ھيٺيان ھجڻ ڪري اھو فائدو ٿيو تہ ان ڏنڊن کان بچي ويس. ڪجھ ماڻھو گرفتار بہ ٿيا پر مون کي بچي نڪرڻ جي ڄاڻ ملي وئي. واپس ڳوٺ پي آيس مير پور ماٿيلي ۾ پھتس تہ وري ڏٺم تہ اتي جلوس وارا ٽرالا روڪيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيٺا هئا. مان بہ شريڪ ٿي ويس. جلوسُ ۾ جنهن وقت روڊ تي ٽائرن کي باهه ڏنائون تہ اسان پڇڙ جي ڪئي ڪئپٽن ايس ڊي ايم کي منهنجي خبر پئجي وئي تہ مانڊل شر بہ جلوس ۾ شامل هو. پين جي پٽيان تہ خبر نہ آهي تہ ويا يا نہ ايس ڊي ايم پنهنجي گاڏي ڪٽي منهنجي پٽيان پئجي ويو. هڪ ڊاٽسن واري کي لفٽ جي لاءِ چيم ان نہ ڪنيو وري هڪ موٽر سائيڪل وارو ملي ويو. ان کي چيم جنهن داد لغاريءَ تائين ڪنيو اتان پوءِ ڳوٺ تائين پنڌ ويس. ايس ڊي ايم ڳوٺ تائين پيڇونہ ڪيو ۽ خبر نہ آهي تہ الائي ڪٽان موٽي ويو.

سيپٽمبر ۾ اوباڙي ۾ جلوس نڪتو جنهن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي مون واري ڳوٺ واري يونٽ جا دوست ڪٽوشر، نورحسن شر، سيباڳو شر، ثناءالله، حسين شر. سمابو شر، امين شر ۽ شهباز کهاڙو شريڪ ٿيا. اهي پين جلوسن ۾ بہ شريڪ ٿيندا رهندا هئا ۽ مان بہ شريڪ ٿيندو هوس پر منهنجو گرفتاري ڏيڻ جو ايجان ڪو ارادو ڪو نہ هو. ڇا ڪاڻ تہ مان ماڻهن کي جلوسن ۽ گرفتارين لاءِ ڪٽي ڪندو هوس. انڪري اهو ڪم سست ٿي وڃي ها. اوباوڙي واري جلوس ۾ مان ۽ اختيار پٽو گرفتار ٿي وياسين. اسان سان گڏ نور حسن، ڪٽوشر ۽ سمايو بہ گرفتار ٿيا پر نورحسن ۽ ڪٽوءَ کي ڇڏي ڏنائون باقي اسان کي ڊسٽرڪٽ جيل سکر وٽي ويا. ڇيائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

.توهان کي صبح جو ڪورٽ ۾ پيش ڪنداسين. سو بہ ڪرمنل ڪورٽ ۾ اها ڪورٽ روهڙي سيمنٽ فيڪٽريءَ ۾ قائم ڪئي هئائون ان جو جج ڪئپٽن هو. ڪئپٽن ڪورٽ کان ٻاهر نڪري آيو اسان کي تقرير واري انداز ۾ چيائين "توهان مهرباني ڪري پنهنجي پنهنجي گهر وڃو توهان کي هتي رکڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي صرف معافي لکي ڏيو ۽ توهان وڃو" اسان چيو ڇڏيو ٿا تہ سڀ ڳالهہ آهي، باقي معافي اسان نہ وٺنداسين" چيائين "معافي ضروري آ" ميجر بہ ٻاهر نڪري آيو ان ڪئپٽن کي چيو "مون بہ سياست ڪئي آهي مون کي بہ ڪجهہ خبر آهي مان سمجهان ٿو تہ هي معافي اصل ڪو نہ وٺندا" بہ ٿي مولوي هئا جمعيت ج . ڪجهہ ٻيا همراهہ انهن کان پڇائون توهان معافي لکندؤ" چيائون نيڪ صلاح آهي اسان معافي وٺون ٿا اسان جو ڇا سياست سان، اسان تہ جلوس ۾ ئي ڪو نہ هئاسين، اسان سان فلاڻو تڪرار اٿن، انڪري پڏي آيا آهن، هنن معافي لکي ڏني ۽ آزاد ٿي ويا. مون کي ۽ اختيار ٻڌي کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون. ڪئپٽن مون کي چيو "ڪلمو پڙهہ" مون ڪلمو پڙهيو، وري چيائين ٻيو نمبر ڪلمو پڙهہ چيو مانس "مان تہ صرف اهو سڪيو آهيان ٻيو تو کي اچي ٿو تہ پڙهي ٻڌاءِ، ڪئپٽن کي بہ ڪو نہ آيو مون چيو "توکي بہ تہ ڪو نہ ٿو اچي، هڪجهڙا آهيون، ڪاوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي چيائين" توهان ٻنهي بدمعاشن سيني ماڻهن کي ڪٽي برغلايو آهي" ۽ ٽي چماٽون مون کي وهائي ڪڍيائين هٿ ٽڪجي پيس تہ مان ڪليس وري منهنجي توپي لاهي. اها منهنجي منهن ۾ هنيائين ست اٺ ڏڪ ٽوپيءَ جا هٽي جمعدار کي چيائين "لکڻ ڪٽي اڄ" جمعدار هڪڙو سنهڙو لکڻ ڪٽي آيو تہ ڪئپٽن چيس "وڏو ڪٽي آ" جعدار هڪ تمام وڏو پچر ڪٽي آيو. جنهن تي هن چيس "هي هيڏو ڪير ڪٽي سگهندو" مون چيو مانس "سرڪار! اسان تہ پٽيءَ تي سهڻ لاءِ تيار آهيون تون جيڪڏهن ڪٽي نہ ٽو سگهين تہ اها تنهنجي قسمت". تنهن تي گاريون ڏاڍيون ڏنائين چيائن." هن کي سينٽرل جيل اماڻيو" مون چيو اهو ئي تہ اسان چاهيون ٿا تہ اسان کي سينٽرل جيل موڪل. هتي خوامخواهہ رلائيندا ٿا وتو ڪڏهن لاڪ اپ ۾ ڪڏهن هتي اهو اسان جو شان آ؟ اسان جو شان آهي سينٽرل جيل".

سينٽرل جيل اماڻيائون. اتي پهتاسين تہ سيني سڃاتو امان الله شيخ ۽ عبدالغني خالدي يڪو اتي هئا. ڇاهتر کان وٺي حالانڪ ڇاهتر کي ست سال ٽي ويا هئا پر اسان کي لڳي پيو تہ جڻ ڪالهو ڪو ڏينهن هو، ساڳيو جيل ساڳيا ماڻهو، ساڳيون ڳالهيون مان اندر ويس تہ منهنجي تلاشي بہ نہ ورتائون ڇو تہ مون کي سپ سڃاڻن پيا. مون چيو .مون وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيو ته ڪجهه به نه آهي باقي جيڪي ٻُسا آهن تن ۾ توهان کي ياڳي ٻائيوار ڪندس. ورهائي ڪائينداسين، نور محمد خان لنڊ به گرفتار ٿيو هو. نثار احمد خان لنڊ ان جي ملاقات لاءِ اتي آيل هو. تنهن جو ڏٺو ته مون کان تلاشي به نه ورتائون ته چيائين "يارهن کي ته هٿ به نه ٿا لائين باقي اسان جا ته .... ئي پٽي ٿا وجن، هنن چيو .هنن کان ڪهڙي تلاشي وٺون هي جيل ۾ ايندا ويندا رهن ٿا. جيل هنن جو پنهنجو گهر آهي پنهنجي گهر مان ڪنهن کان تلاشي وٺبي آهي ڇا؟"

مون کي اڃي چڪر ۾ رکيائون اڃي چڪر ۾ سياسي قيدي کو نه هئا سڀ ڪرمنل قيدي هئا انهن سڄي رات نند ڪرڻ نه ڏني. ساري رات قرآن پڙهڻ، ذڪر ڪرڻ ۽ دانهون ڪرڻ ۾ گذاريائون. مون علمدار کي گهرائي چيو، اسان هتي کو نه رهنداسين. اسان سياسي قيدي آهيون. انڪري اسان کي سياسي قيدين سان رهايو نه ته اسان ماني کو نه کائينداسين. تون وڃي پنهنجي وڏن کي ٻڌاءِ" عملدار هڪدم وڃي جيلر کي ٻڌايو. جيلر اسان کي گهرائي پڇيو ته "ڇا مسئلو آهي، ماني ڇو نه کائيندؤ اسان چيو ته."اسان سياسي قيدي آهيون، اسان کي سياسي قيدين سان رکو هتي ڪرمنل قيدين سان ڇو رکيو اٿو" حڪم ڏنائين ته "هنن کي عبدالقيوم سهرياڻيءَ جي باريڪ ۾ وجي واڙيو" عبدالقيوم سهرياڻي جيڪب آباد ضلعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائونسل جو چيئرمين هو. اسان سمجهيو ته ڪا سٽي باريڪ هڪ ٻئي جي مٿان هوندي آهي نندڙيون نندڙيون ۽ سوڙهيون ڪوٽيون هونديون آهن جن ۾ ٽي يا چار ماڻهو رکيا ويندا آهن. وارد ۾ ايجان ٽورو گهٽو گهمندا ته هڻاسين هتي ته بلڪل بند ٽي وياسين. اختيار پٽي کي پهرين ته الائي ڪٽي وڃي رکيائون. پر ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ان کي به وٽي مون سان گڏ واڙيائون. ڊبل باريڪون تمام گهٽيون گرم هيون. جهڙو ڪر دوزخ ۾ رهيل هجون. اسان سان وڙهن کو نه پيا باقي جن کي رستن تان، بسن مان يا شهر مان گهلي وٽي ايندا هئا، انهن ويچارن کي سارو ڏينهن ڪٽيندا هئا. امان الله شيخ سان اسانجو رابطو کو نه پيو ٿئي هو به ڪنهن ڊبل باريڪ جي هيٺين حصي ۾ بند هو. پر اسان کي خبر ڪا نه هئي. پيپلز پارٽيءَ جو قدرت الله به پڪڙ جي آيو ان کي به آٽي اسان سان گڏ ڊبل باريڪ ۾ رکيائون. همراهه ڪجهه هلندي پڇندي وارو هو جنهن ڪري ڪيس تڙڪي واري دال ملندي هئي ۽ اسان ٽبلي تي گذارو ڪندا هئاسين. فيصلو ڪيوسين ته گوڙ ڪنداسين جنهن تي قدرت الله چيو ته "چپ ڪريو گوڙ نه ڪجو نه ته وڙهنڊا. چيوسينس "تون ته دادلو آهين تو کي ته تڙڪي واري دال ملي ٿي اسان هن ٽبلي تي ڪيئن خاموش رهنداسين. ان وقت مهيش ملهرائي کي به وٽي آيا. جيڪو ساڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پارڙا جو ليڊر هو.

ڊبل باريڪن مان هڪڙن کي ڪڍي تڙڪرائي واپس بند ڪندا هئا ۽ وري ٻين کي ڪڍي وڃي تڙ ڪرائيندا هئا. ائين اڇڙ وڃڙ ۾ خبر پئي ته امان الله شيخ به اتي اسان جي پاڙي ۾ هيٺيان واري باريڪ ۾ آهي. قدرت الله وارا ۽ ڪجهه ٻيا ته خوش هئا پر اسان ان صورتحال ۾ خوش کو نه هئاسين. هڪ ڏينهن تڙ ڪرائڙ لاءِ ڪڍيائون ته سماپو شر ملي ويو. جيڪو منهنجو ويجهو عزيز به آهي ڪيس نو مهينا سزا لڳي هئي. مون کان پڇيائين "ڇا ڪرڙ گهرجي" مون چيو "اسان سياسي قيدي آهيون انڪري ڪم هرگز نه ڪجاءِ هي ٻيءَ باريڪ ۾ هو جتي ڪجهه يار پيدا ڪري ورتا هئائين. هڪ ڏينهن هن کي چيائون ته "ڪرڙي گهماءِ" هن انڪار ڪيو. جنهن تي ڪاوڙ جي پيا ۽ وڙهڙ لاءِ ڦري آيس اتفاق سان اسان کي به ان وقت تڙ لاءِ ڪڍيائون هنن جو گوڙ ٻڌي اسان اوڏانهن وياسين ٿوري دير ۾ امان الله شيخ به پهچي ويو ان کي به ٻاهر ڪڍيو هئائون. سيئي جو هڪ هنڌ ڪٽا ٿي وياسين ته سمايي کي چڏي ڏنائون ۽ هو مار کان بچي ويو.

ٻئي ڏينهن تي اسان کي تڙ ڪرائي واپس مٿي باريڪ ۾ واڙڙ لاءِ چاڙهيائون. ٻوءِ امان الله وارن کي ڪڍيائون پي ته اسان مٿي چڙهڙ کان انڪار ڪيو. جنهن تي جهيڙي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شروعات ٿي وئي ڏکا مکون، لتون، وٽ وڃان ٿي وئي نتيجي ۾ اختيار ڏيڻ ۽ مون کي سڄي رات بند ڪري ڇڏيائون. سختي جو ڪيائون تہ اسان ماني وٺڻ بند ڪئي. جيڪو ماني نہ وٺندو آهي ان سان وڙهندا آهن اسان سان وڌيڪ وڙهيا ڪو نہ باقي اسان جو پاڻي بند ڪري ڇڏيائون. ماني اسان نہ پيا وٺون پاڻي هو بہ نہ پيا ڏين. ان ڏينهن سارو ڏينهن نعرا هنياسين ۽ سپرنٽينڊنٽ تي لعنتون ڪيو سين. ٽئين ڏينهن تي آءٔ جي نور الاهي شيخ آيو. هو هڪ چرچائي ۽ لاهہ قسم جو ماڻهو هو. مان اڳ ئي ان کي سڃاڻندو هوس. هو بہ مون کي سڃاڻندو هو. سپرنٽينڊنٽ ان کي دانهن ڏيڻ واري انداز ۾ چيو "هي مون تي سارو ڏينهن لعنتون ٿو وجهي ۽ نعرا ٿو هڻي." آءٔ جيءٔ چيس "تو کي بہ لعنت مون تي بہ لعنت" مون کي چيائين "توهان ماني وٺو باقي جيڪي مسئلا آهن، انهن تي مذاڪرات ڪريون ٿا توهان مذاڪرات لاءِ ٽيم ناهيو تہ ڳالهيون ڪيون". اسان چئن چٽن تي مشتمل هڪ ٽيم ناهي سين جنهن ۾ مان، امان الله شيخ صالح بلو ۽ هڪ پيپلز پارٽي جو هو. مذاڪرات ٿيا اسان مطالبا رکياسين تہ "اسان سياسي قيدي آهيون اسان کي بي ڪلاس ڏنو وڃي اسان جو در سڃو ڏينهن ڪليو رهندو ۽ اسان ماني پاڻ کنداسين". مطالبا منظور ٿي ويا اسان کي بي ڪلاس ڏنائون اتي وياسون تہ نواب شاهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو پراڻو ايم اين اي نور احمد شاهه پيپلز پارٽيءَ جو موجود هو. جام ساقي ۽ غلام مجتبيٰ جتوئي به اچي ويا. پوءِ ته ڪچهريون مچي ويون. دنيا جهان جي سياست تي بحث مباحثا ٿيندا هئا. اسان کي خبر پئي ته اهڙي قسم جا مذاڪرات اڳ ۾ يوسف جڪراڻي وارن سان به ٿيا هئا. پر ان وقت انتظاميه اهي ڳالهيون نه ڪيون هيون.

جام ساقي جيئن ئي پهتو ته اسان سڀني گڏجي ان جي دعوت ڪئي. ان دعوت ۾ انور پيرزادو به شريڪ ٿيو. جيلر امان الله شيخ جو مائٽ هو. ان اچي ٻڌايو ته "توهان مان چوڏهن ڇٽا مڃ جيل ڏانهن اماٽيا ويندا ڪهڙا ڪهڙا ڪيڏا ويندا اها خبر نه آهي". هن جيئن ئي اها خبر ٻڌائي تيئن اسان وري گوڙ شروع ڪيوسين. اسان چيو "اسان ڏي جيڪو به ايندو، اهو مٺو پيو هوندو. ڏسون ته اسان کي ڪيئن ٿا هتان ڪيڏو". مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي وياسين هل هنگامون وڌي ويو. ان جو فائدو اهو ٿيو جو اسان مان ڪنهن کي به نه ڪيڏيائون. باقي مجتبيٰ جتوئي ۽ ڪجهه ٻيا همراهه گرفتار ٿي آيا جن ۾ خورشيد شاهه، پرويز شاهه، آفتاب شعبان ميراٽي ۽ رفيق صفي شامل هئا. خورشيد شاهه اسان کي هنڌ ٻوال مليو اسان هن کي (پيپلز پارٽيءَ وارن کي) پڪيڙا سڏاينداهئاسين. چو ته هو ناز ڪڙا هوندا هئا ڪهڙي تڪليف برداشت ڪري نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگھندا ھئا. اسان ھن جو کجھہ خيال رکندا ھئاسين. ھاڻي جيل ۾ ايتري نرمي ٿي چکي ھئي جو ڪئميرائون، ڪاڌي پيتي جو سامان، مطلب تہ ملي ويندي ھئي جڏ تہ جيل ھو ئي ڪو نہ جڏ ڪٽي مھمان طور رھيل ھجون. اوچتو وري ڪنھن ڳالھہ تي جھيڙو ٿي پيو. جنھن ڪري وري سيني کي ڪٽي بند ڪيائون اسان جا وري ساڳيا نعرا ۽ تبرا شروع ٿي ويا. سارو ڏينھن ٻئي گوڙ ڪرڻ سان گڏ آزائون بہ ڏيڻ شروع ڪيون سين. انور پيرزادو منھنجي پر واري کوليءَ ۾ رھندو ھو. جنھن ڪري اسان جو رابطو چاند گاڏيءَ ذريعي ٿيندو ھو. چاند گاڏي ھڪ ڇيءَ کي چوندا ھئاسين. جنھن کي ڏاڪو ٻڌل ھوندو ھو. ان ۾ ٻيڑيون ماچيس يا اھڙيون ٻيون ٿوريون گھٽيون شيون رکي. ڇيءَ کي اڇلائيندا ھئاسين تہ ڇي وڃي ٻرواريءَ کوليءَ جي در اڳيان پھچندي ھئي. جڏھن ھو ان مان سامان کڻندو ھو تہ وري ڏاڪي کي ڇڪ ڏيندا ھئاسين تہ اھا چاند گاڏي (ڇي) واپس اڇي لئنڊ کندي ھئي. اھڙي طرح ان چاند گاڏيءَ ذريعي ھڪ ٻئي ڏانھن سوکڙيون موکليندا ھئاسين. اڳئين ٻيري جڏھن سينٽرل جيل آيا ھئاسين تڏھن اسان وٽ ڪجھہ بہ ڪو نہ ھو ھن دفعي سامان جھجھو ھو انکري ھڪ ٻئي ڏانھن سوکڙيون موکليندا ھئاسين. انور پيرزادو اسان کي تمام گھٽو گائيڊ کندو ھو. اسان کي پڙھائيندو ھو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو. مون کي ته هن جي فلسفي ۽ ٻيو کو ڪم ئي کو نه هوندو هو سواءِ ڏڏن جي هو به واندو اسان به واندا انڪري ڏاڏيون ڪچهريون ٿيندیون هيون. هاڻي ته هو ايترو مشغول ٿي ويو آهي جو ميل ميلاپ ئي کو نه ٿو ٿئي.

جيل ۾ ليڪچرن تي مشتمل ڪلاس هلندا هئا. ڪڏهن چار ساڻي ليڪچر ڏيندو هو. ڪڏهن امان الله شيخ ۽ ڪڏهن انور پيرزادو. پر انور نسبتا گهٽا ليڪچر ڏيندو هو. عوامي تحرڪ وارا وري الڳ پنهنجا ليڪچر پروگرام رکندا هئا اسان جي دوستن مان وري ڪجهه ٻيا به گرفتار ٿي آيا. رحمت الله ملڪ، شاهجهان پنهيار، ڪريم بخش، اتي ليڊر شپ سڄي اسان ڪميونسٽن جي هئي دي ايس ايف سنڌ هاريءَ ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ماڻهو ئي نمايان ۽ جرپر ڪردار وارا هئا. ٻيا جيڪڏهن هئا به تڏهن به ٿورا هئا. باقي گهڻائي اسان جي هئي، جن جيلن جي معاملن تي اڳواڻي پي ڪئي، اسان جي آزادن ڏيڻ يا گوڙ ڪرڻ تي اڃان مس ڪجهه نرمي ٿي هئي ته وري جهيڙو ٿي پيو انتظاميه سان، اچي چڪر ۾ بند ٿيل قيدين تالو ڀڳو سڀ باهر نڪري آيا. ڪي مرڻ ڪٽي ويٺا ڪي سروتا ڪٽي ويٺا سڀ ويڙهه لاءِ تيار هئا هر کو پنهنجي پوزيشن سنياڻي بيهي رهيو. پوليس آئي ڏاڍي فائرنگ ڪيائون پر ويجهو کو نه آيا. اسان ڪائڻ وارا ڪرن جا ٿانو ڀڳاسين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انين جا وڻ ٻڌاسين. اتي انور پيرزادي چيو "هي بلڊ شيڊ ڪرڻ لاءِ تيار آهن اتكري جهيڙو وڌائڻ يا كتائڻ وارا اسان ئي هئاسين انكري اسان چيو ته "ٺيڪ آهي" جهيڙو ختم ٿا كريون" اهڙي طرح وڌيڪ خون خرابي كان بچي وياسين. اسان جي هر اعلان جي سڀ قيدي آجيان كندا هئا. اسان جو قيدين تي مثبت اثر هوندو هو جو ته اسان ليڊر هوندا هئاسين ماٺهن تائين سياسي صورتحال جون تازيون خبرون اسان ئي پهچائيندا هئاسين، مان ته خبرن پهچائڻ واري سلسلي ۾ "بي بي سي، سڏيو ويندو هوس. مون كي دوست ٻڌائيندا هئا، مان وري ٻاهر وڃي سيني قيدين كي ٻڌائيندو هوس. ماٺهو به تازيون تازيون خبرون ٻڌڻ چاهيندا هئا. جو ته ايم آر ڊي تحريڪ جو زور هو انكري هر سياسي قيديءَ كي تازي صورتحال ٻڌڻ جو انتظار رهندو هو. اسان سيپٽمبر ۾ گرفتار ٿيا هئاسين ۽ جنوري ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ماڻي ٿي وئي. جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي اعلان كيو ته "اسان تحريڪ واپس ٿا وٺون" اهان خبر بي بي سيءَ تان به نشر ٿي، ان رات جيل ۾ وري قيدين جو هكٻئي خلاف هل مچي ويو. تمام گهٽو شور ٿي ويو. هكڙا چون پيا، جتوئي زنده آباد، پيا چون پيا "جتوئي تي لعنت" قيدي ٻن گروپن ۾ ورهائجي ويا. هكڙا جتوئي جي حمايت ۾ پيا مخالفت ۾. هو كرا، كوكرا وڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنگامون ٿي ويو. اهو سڀ ٿيو جو سڀ قيدي باريڪن ۾ بند هئا. جيڪڏهن باهر هجن ها تہ وڏي پون ها ۽ ڏاڍو خون خرابو ٿئي ها. جتوئي جي ان اعلان جا حامي صرف پيپلز پارٽي وارا هئا. باقي سڀ مخالف هئا پر پيپلز پارٽي وارن جي پيٽ ۾ پين تنظيمن وارن جي گهٽائي هئي. تعجب ان ڳالهہ جو ٿيو تہ جيل انتظاميہ کي کهڙي غيبي طاقت پولايو تہ اڄ سڀني قيدين کي بند ڪري ڇڏيون نہ تہ جهيڙو ٿيندو. ڇو تہ اڄ جتوئي تحريڪ واپس وٺڻ جو اعلان ڪندو ڇا اهو سوچيل سمجهيل منصوبو هو؟

فيبروري 84ع ۾ مون کي ڪراچيءَ منتقل ڪيائون اتي پهتس تہ اتي بہ اڳ ئي جيل پريو پيو هو، اصل ڪچهريون متيون پيون هيون. انهن ۾ بہ اڪثريت پنهنجي سنگتن جي هئي. بدر ابڙو، جمال نقوي، جبار خٽڪ ۽ سهيل سانگي ڪچهرين لاءِ ملي ويا ناصر بلوچ ۽ ممتاز پٹو بہ اتي هئا. جبار خٽڪ، جمال نقوي ۽ مان هنڌيوال ٽيا سين. باقي پين جون هنڌيون الگ الگ هيون. ان ڪانسواءِ بہ انقلاب لاءِ جيل يا ترائون ٿيندیون رهيون ۽ اڄان بہ هي سفر جاري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جھڙي طرح ڪنهي همیشہ ويراني ۾ ڦٽندي آهي اهڙيءَ طرح سنڌ جا اڪثر انقلابي هيرا اسان کي سنڌ جي پهراڙين ڏنا آهن جن مان ڪن ٿورن جيّ زندگي ۽ جدوجهد جو احوال اسان کي معلوم ٿي سگهيو آهي. اجا گهٽائي اهڙن انقلابين جي آهي جيڪي هيرن وانگر ڪوئلن ۾ دفن ٿيل آهن. تعقلي ڏهڪي جي ڪروهيءَ وارين پٽن ۾ هڪ غريب زميندار جي گهر جنم وٺندڙ ڪامريڊ مائوزي شر انهن انقلابين مان آهي جيڪي انقلاب لاءِ قربانيون ڏئي قوم کي جتائيندا نہ آهن پر هو جيئندا ہ پنهنجي ڪاز لاءِ آهن. ۽ مرندا ہ پنهنجي ڪاز لاءِ آهن.

اسان جڏهن دنيا جي انقلابين جي جدوجهد جو احوال پڙهون ٿا تہ ڏندين آگريون اچيو وڃن ٿيون. انهن جي جدوجهد واقعي ڪمال جي آهي پر اسان جڏهن پنهنجي ڌرتي جي انقلابين جي جدوجهد تي غور ڪريون ٿا تڏهن انهن جي جدوجهد ۽ قرباني دنيا جي ٻين انقلابين کان ڪنهن ہ طرح گهٽ محسوس نٿي ٿئي. ۽ اسان فخر ۽ اتساهہ جي احساس سان پنهنجن انقلابين کي دنيا جي عظيم انقلابين جي صف ۾ ڪٽائي سگهون ٿا. هن ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ جو مقصد پنهنجي قوم کي پنهنجن ئي انقلابين کان واقف ڪرڻ آهي تہ جيئن انهن جي جدوجهد اسان جي قوم لاءِ ہر ۾ بورئو ثابت ٿي سگهي ۽ جدوجهد جون راهون روشن ڏسڻ ۾ اچن.

قيمت 15 روپيا انور ڏنگڙائي 9-1-1999

ڪمپوزنگ: شاهہ ڪمپوزنگ پرنٽنگ ۽ ڪارڊ
سينٽر حيدر چوڪ حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڙ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف پرپور لاپ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نياڻيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book